
وُجوُد ئي وٽڪارُ

(شيام جئسنگهاڻي کي شردانجلي)
















五彩池
Five color pond



نهايت پياري دوست،

مهربان سائي

شيام جئسنگهاڻيءَ

A person of many talents

کي

شرڌانجلي طور

ڪَوَنرَ پاڙُون پاتارِ ۾، ڀَوَنرُ ڀِري آڪاسِ،
ٻِنِين سَندِي ڳالَهڙِي، رازِقَ آندي راسِ،
تنهن عِشقَ کي شاباسِ، جِنهن مَحبَتي ميڙيا.

وُجودُ ئي وٽڪارُ

(شيام جئسنگهاڻيءَ کي شرڌانجلي)

مرتب : نند ڇڳاڻي

ديپشڪا پبليڪيشن.
فليٽ نمبر - ١، آراڌنا اَپارٽمينٽس،
٣٧، سواستڪ پارڪ، چئمبور، ممبئي - ٧١.
فون: ٠٠٩١-٢٢-٢٥٢٦٠٧٠٨

وُجودُ ئي وڻڪارُ वुजुद इ वणकारु

(شيام جئسنگهاڻيءَ کي شردانجلي)

مرتب : نند ڇڳاڻي

ڇپائيندڙ : اَمر آسناڻي،

© ديپشڪا پبليڪيشن.

فليٽ نمبر - ١، آراڌنا اَپارٽمينٽس،

٣٧، سواستڪ پارڪ، چيمبور، ممبئي - ٧١.

فون: ٠٠٩١-٢٢-٢٥٢٦٠٧٠٨

ڇپيندڙ : سڌا آفسيٽ پرنٽرس ۽ گرافڪس.

٢٥، پهريون ماڙ، پرنس مارڪيٽ،

فرنيچر بزار، اُلهاسنگر - ٤٢١٠٠٣.

فون: ٠٢٥١-٢٥٦٠٤٦٥

ڇاپو : پهريون، ٢٠٠٩

قيمت : ١٥٠ رپيا

Title : **"Vajood E vankar"**
(Shyam Jaisinghani khe Shirdhanjali)

Editor : **Nand Chhugani**

Publisher : **Amar Asnani**

© **Deepshikha Publications.**
Flat No. 1, Aaradhana Apartments,
37, Swastik Park, Chembur, Mumbai-71
Tel.: 0091 - 22-25260708

Printed by : **Sudha Offset Printers & Graphics.**
25, 1st Floor, Prince Market,Furniture Bazar,
Ulhasnagar-421 003, Tel.: (0251) 2560465

Edition (first) : Year - 2009

Price : Rs. 150/-

سلسلو

شيام جئسنگهاڻي

نند ڇڳاڻي

قدرت شيام کي ڪيترين ئي خوبين سان نوازيو. ڪامياب ڪهاڻيڪار، ناليرو ناولنويس، ناٽڪ تي ڪيس ساهتيه اڪاديمي جو انعام عطا ٿيو. چترڪاريءَ جو شونق پڇاڙيءَ تائين برقرار رهيس. سئر سفر جو ڪوڏيو. ڪئميرا ڪلهي ۾. هت سنڌي ساهتڪارن ۾ شايد هي اڪيلو خوشنصيب رهيو جيڪو فقط سئر سپاٽي لاءِ اڌ ڪان به وڌيڪ دنيا جو چڪر لڳائي آيو. سندس شاعريءَ ۾ به اُنهن خوبين جو اثر ڏسي سگهجي ٿو.

نيڪ اِنسان، هڪ سنو دوست، دوستي رکي به ڄاڻندو ته نڀائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندو. ڪيس دوست به دلگهريا مليا. هي ڪتاب ان جو ثبوت آهي. ساهتيه اڪاديمي جي نوڪري هن لاءِ وردان ثابت ٿي. هو- سنڌي، گجراتي، مرهٽي، ڪونڪني، بينگالي ٻولين وچ ۾ رهيو. سڀني سان سڪ محبت وارو رستو. سنڌيءَ ۾ هر دؤر، ترقي پسند، رومانوادي، ماڊرن، پوسٽ ماڊرنزم، هر طبقي جي ليکڪن سان عزت پريو، مان شان پريو ورتاءُ ڪندو. جڳت آڏاوڻي کي جڳت ڏا، هري موٽواڻي کي ڊئڊ، ته اُتم کي صاحب - سائين. نون ليکڪن، ساهتڪارن کي همٿائيندو . سڀني تي محبت جو وسڪارو پيو وسندو، وڏ ڦڙو مينهن به پوندو. ڪنهن کي ناراض ٿيڻ جو سبب ڪونه ڏيندو. آفيس ۾ به سندس رايي کي معتبر ڪري ليکيندا.

ساهتڪار طور سندس جيئري جوڳو قدر ٿيو. سنڌي سماج- ساهتڪارن، سرڪار پاران ڪيس انعام اقرار مليا. ڪونج پاران هنجو خاص انڪ شايع ٿيو. مهاراشٽر سنڌي اڪاديمي، جي مخزن ”ساهتڪار“جو ڪيترا سال ايڊيٽر تي رهيو. پاڻ به شڪرگذاري مڃڻ ۾ پنتي ڪونه پيو. اکين ۾ شرم حجاب قائم. ڪنهن کي به ٿيلهو ڏيئي پنتي ڪري ان جي جڳهه ڪونه والاريائين. اخلاقي قدرن جي معيار تي قائم رهيو. شخصي زندگيءَ ۾ سادگيءَ ڏانهن مائل. ٺٺ ٺانگر کان پريورو، پر هر ڳالهه نيمائتي، نيم نيم تي پورو، پر گهرواريءَ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس گهر

ٻه اکر

پريه شيام،

ائين برابرآهي ته جڏهن تنهنجي جيون - ساٿي ڪِرڻ تون کان موڪلائي، دنيوي سفر پورو ڪري، ايشور جي گود پاتي، تڏهن کان تون 'اڪ' رهجي وئين. صاف لفظن ۾ توکي چوان ته

"You did not live your life. you only existed" رولاڪپڻي جو نشو توکي آهڙو سوار ٿيو جو ديش وديش ۾ سفر ڪيا. پاڻ کان پڇڻ ۽ پاڻ کي وسارڻ جو مسلسل دوُر چالو هو. تنهنجي تندرستيءَ تي اُگرو اثر پيو. تون ناچاڪ رهڻ لڳين. تنهنجي ساريرڪ ڪمزوري ظاهر هئي. اُن سان گڏ تنهنجو ضد ۽ نئرپڻو وڌي ويو. آخر تنهنجي اِڇا پوري ٿي. تنهنجو موت تو وٽ ڪونه آيو هو پر تو موت کي نياپو موڪلي گهرايو هو. زندگيءَ جو هٿ ڇڏائي تو موت سان هٿ ملايو. پر جيستائين تون منهنجي ۽ بين مترن جي يادگيرين ۾ آهين، تيستائين تون حيات آهين، سدا حيات آهين.

تو ڪٿي لکيو آهي"پنهنجي نجي خواهش موجب جيئڻ ته شخص جي وس ۾ رهيو ئي ڪونهي. ڪن حالتن ۾ ته پنهنجي مرضي موجب مرڻ جي آزادي به ونس ڪانهي." توکان ٿو سوال پڇان ته تنهنجي نجي خواهش ڪهڙي هئي؟ مرڻ جي تنهنجي ڪهڙي مرضي هئي؟ هر اِنسان جي جيون ۾ دک سک سمايل آهن. جيون اِن کي ئي چئبي آهي. اِن جو مطلب اِئين ته نه آهي جو فقط اونداهو پاسو ڏسڻو آهي. مڃان ٿو ته تنهنجي شخصي جيون ڏوري و اڻپوري رهي آهي، پر تنهنجي ساهتيڪ - جيون ته مالا مال آهي. تو جيترو سنڌي ساهتيه ۾ يوگدان ڏنو، اوترو ئي سنڌي سماج تنهنجو استقبال ڪيو. توکي مقبوليت حاصل ٿي. توکي ڀارت سرڪار طرفان به اِنعام، مهاراشٽرا سرڪار طرفان اِنعام، ساهتيه اِڪادمي طرفان به اِنعام، هڪ ترجمي ۽ ٻيو اِنعام تخليقي ناٽڪن جي هڪ ڪتاب "زلزلو" لاءِ مليا. اَنڪل به ڏهن ڪتابن تي تنهنجي نالي جي مهر آهي. ساهتڪارن جي وچ ۾ تنهنجو هڪ مقام آهي. تنهنجي جيون جي جهول ۾ جيڪڏهن گل آهن ته ڪجهه ڪنڊا لڳندا ئي. پر توکي ڪير سمجهائي؟ ننڍپڻ جي جيون ۾ جيڪي سنسڪار يا سوچ جون عادتون پئجي وڃن ٿيون سي بدلجڻ، جي ناممڪن نه آهن پر مشڪل ضرور آهن.

بي ترتيب رهيو. اڪيلو شخص، اڪيلائپ کان نجات پائڻ لاءِ شايد سف
وڌيڪ پسند ڪيو.

پڇاڙيءَ ۾ اباڻي ملڪيت وڪڻي، پائرن - پينرن کي پورو پورو حص
ڏنائين. سدائين اُنهن جي ڀلائيءَ جو خيال رکيائين. پنهنجو ادبي سرمايو
سنڌالاجي-آديپور ۾ محفوظ ڪيائين. بيماريءَ ڪيس بي حال ضرور ڪيو،
دماغي طور سالم رهيو. ڪيس شايد پرون پئجي ويا هئا. پنهنجي حصي
وصيتنامو ڪري پنهنجي دوست اَمر آسناڻي کي وصي ڪري ويو.

جسماني چولو ڇڏڻ کان پوءِ سندس ڏرم جي ڏيهُ جيش
سامتاڻيءَ - هندو ريتين رسمن موجب ڪريا ڪرم ڪرايو ۽ هر ڳالهه شاي
سندس خواهش پٽاندڙ پوري ڪئي.

وقت هو، ٽيليفون پنهنجي پوري ٽائيم تي وڄندو- سمجهبو شيا
آهي ۽ آواز ايندو.... مان شيام. آهستي آهستي اهو آواز ما....ن....
ش...يا...م ۾ بدلجندو ويو، پر پوءِ به نيم ساڳيو. ڪونج جي ڳاله ڪندو
ڪاڪا هري موٽواڻي ڊئڊ کي سارينداو..... سندس پنهنجائپ مان ائ
ضرور محسوس ڪبو ته هن منهنجو به دک درد سمجهي ورتو آهي. هون
روبرو گڏجي ڪنهن سان به هٿ ملائيندو ته اڳلو ضرور ائين پانپي وئندو
هن منهنجي دک-درد ۾ ليئو پاتو آهي، داد رسي ملندي.

هاڻ ٽيليفون ته وڄندو آهي، پر شيام..... ڪونه هڏبو آهي...
هڏبو. وجود ناهي. اُها وڙڪار نه هوندي . اِهو سوچي فون کان پري ر
پسند ڪبو آهي. ڏاڍو ڏکيو منظر اکين آڏو اچي بيهندو آهي.

ڪونهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو، پوري ! پانئيو،
پَنڌُ مَ ڪَرِ ٻِهاڙَ ڏي، وُجودُ ئي وَڙڪارُ،
ڏارِئا پانئجِ ڏارَ، پُڇجِ پرِيان ڪَرَ پاڻَ تُون. (شاه)

اُلهاسنگر.
اکڻ ٽيچ.
16 مي 2010

تو پنهنجي وصعيتنامو 'will'جو مونکي executor بڻائي قانوني ڪاغذ هٿ ۾ ڏنو هو. اِهو رول تہ مونکي اَدا ئي ڪرڻو آهي. جيڪي هدايتون تو ڏنيون آهن سي تہ پوريون ٿي وينديون. اِن ۾ ڪا پريشاني جي ڳالهہ نہ آهي. دنيوي ڳالهيون آهن. ڳنڍيون آهن. سُلجهي وينديون. پر اُنهن اِسمن جو ڇا ڪريان. جن جو ذڪر تنهنجي وصعيت ۾ نہ آهي.

تنهنجي سک ۽ سنيهہ جو پنڌار، جيڪو تون ڇڏي ويو آهين سو ڪنهن ۾ ۽ ڪيترو ورهايان؟

تنهنجا 'سنڪ' گنگا ۾ وسرجن ڪري آيو آهيان. اِئين تنهنجي سرير جا پنج تتو قدرت جي پنجن تتون سان سمائجي ويا آهن.

تو پنهنجي اَندر ۾ هڪ سرشٽيءَ جو نرماڻ ڪيو هو ۽ هاڻي تون سرشٽيءَ ۾ سمائجي ويو آهين. هاڻي تون هن سنساري سک- دک کان مڪت آهين. هاڻي تنهنجي مٿان ڪوبہ بوجو نہ آهي.

تو هڪ ڀيرو لکي هئي'بي اَنت - اَنت' جيڪا ٽي-ايس-اليٽ جي هڪ ڪويتا تان پرڀاوت هئي. هي سٽون مون لاءِ اَڄ لاڳو آهن.

what we call the begining is often end

And to make an end is to make begininig

هر بج ۾ هڪ وڻ سمايل آهي ۽ وڻ ۾ بج سمايل آهي. اَسانجي ڌرم ۾ 'پنر - جنم' جو وشواس. اِهو منهنجو بہ وشواس آهي. توڪي پنهنجي شانتيءَ لاءِ، آتم - ساڪياتڪار لاءِ، مڪتي لاءِ، وري جنم وٺڻو پوندو. وري ملنداسين .

قربن مان

تنهنجو پنهنجو

اَمر آسناڻي

★★★

توکي ياد آهن؟ ٦٠ جي ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. تنهنجي هٿ
تنهنجي لکيل ڪهاڻي ”ننگو آسمان“ جني ڪري، لفافي ۾ وجهي،
جي ايڊيٽر سرڳواسي شري هري موٽواڻيءَ جي هٿ ۾ ڏئي آيو هوس.
ڪونج جي پرچي ۾ ڪهاڻي شدمد سان ڇپي، تڏهن پهرين قدم سان ئي
سنڌي ساهتيه ۾ مقام حاصل ڪيو. سڀن جو ڌيان ڇڪايو. ڪهاڻيءَ تي
پنهنجا ويچار پيش ڪيا. اُن بعد تون وري واپس پنتي ڪڏهن نه
وک وڌندي رهي. هر رچنا سان تنهنجي اؤسر به ٿيندي رهي. تنه
ڀومڪي پرتيپا نکرندي رهي.

تنهنجي ساهتيه سرجڻ جي شروعات ڪهاڻيءَ سان ٿي. پر
ڪهاڻي ڪان، ناول ڪان، ناٽڪ ڪان، مضمون ڪان، تنقيد ڪان ڪويتا
سرجن ياترا ڪئي آهي. ساهتيه جي جدا جدا وڌائن ذريعي تنهنجي زن
جي تلاش جاري رهي. تو پنهنجي پوريءَ ايمانداريءَ سان ساهتيه
سرجڻ ۾ ساڌنا ڪئي.

توکي اِهو به ياد هوندو ته جڏهن تنهنجي ناول ”ڪچا ڌاڳا
دستخط تيار هو. هڪ پبلشر پڙهڻ بعد ڪجهه ڦيرڦار ڪرڻ لاءِ شرط
تنهنجي ڪومل ڀاونائن کي ڌڪ لڳوءِ اُصولي طور تون اِن لاءِ شاملراءِ نه
دوستن فيصلو ڪيو ته آسان تنهنجو ناول خود ڇپائيندا سين. اِئين ديپ
پبليڪيشن جو بنياد پيو. ”ڪچا ڌاڳا“ ناول ڇپيو. شدمد سان ڇپيو.
ساهتيه ۾ اِضافو ٿيو. شايد اهڙي طرز تي لکيل پهريون ناول هو. ساهتيه پ
ناول جي آجيان ڪئي. تنهنجو قد اونچو ٿيو. مان تنهنجي متر هئڻ ڪ
پبلشر جي ناتي بيحد خوش هوس. به متر - واهه هڪ ليکڪ بڻيوءِ بيو پبلشر

هڪ ٻي ڳالهه - تنهنجي شخصيت ۾ هڪ خاصيت رهي آهي
پراون کي پنهنجو بڻايو. ’پرائو‘ اکر تنهنجي شبد ڪوش ۾ ڪونه ه
سان سنيهه جو سنبنڌ جوڙيو. سڀني جي دک - سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار هئين
جا مٽ - مائٽ، ننڍپڻ جا دوست، ساهتيڪار - متر، آفيس جا ساٿي
ملائي هڪ وڏو انبوهه تنهنجي گهيري ۾ هو. اِن هوندي به مان ڄاڻان ٿو ته ت
پيڙ ۾ به اڪيلو هئين. تنهاءِ تنهنجي تنهائي. گهيري اندر هڪ گهير
جيڪو نه، تو خود ٽوڙيو ءِ نه ڪنهن کي ٽوڙڻ ڏنو. اِئين چيو ويندو آهي ته
سماجڪ پراڻي آهي. خبر نه آهي ته اِها چوٽي تو سان ڪيترو وابسطه آهي.

• شيام جئسنگهاڻي کي شردانجلي
واسديو موهي

فون جي گهنٽي،

’موهي، مان اَجا جيئرو آهيان... وِيل چيئر تي آهيان.... جيئرو آهيان....‘

’پر يار، تنهنجو Meet the Author پروگرام Overdue ٿي ويو آهي، ڪڏهن رکون؟‘‘

’موهي، مان ..... مان ...... مان ڳالهائي نٿو سگهان ...... جنوري 2009 ۾ رک‘

....

فون جي گهنٽي،

’موهي،اَجا جيئرو آهيان...آڱريون نستيون... ٿي ويئون آهن.‘

’’پوءِ پروگرام؟‘‘

’فيبرورِيءَ ۾، منهنجي جنم ڏينهن تي.‘

22 مارچ 2009

فون جي گهنٽي،

’اِهو شيام هوندو، وري چوندو موهي،مان اَجا جيئرو آهيان...

(29.03.2009)

◇◇◇◇

• هڪ ’’ڪلوز - اَپ‘‘ شيام جئسنگهاڻي
نامديو تاراچنداڻي

جن وڏن سنڌي ليکڪن سان ملندي دِل ۾ ڊپ رهندو هو اُنهن ۾ شيام جئسنگهاڻي خاص هو. هن جون ڪهاڻيون پڙهي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته هن سان ڪئن ڳالهائي سگهبو. پر شيام سان ’ڪلوز - اَپ‘ ٿيڻ جي دير هئي. هيءَ ديوان ليکڪ ته مون کان به سادو ۽ سهج لڳو. لکڻ ڪان بنهه الڳ. ڪهاڻين ۾ الٽرا ماڊرن - ميٽرو لائيف- سوچ جي تهن هيٺان، لکل سوچ جا هه - شخص ته بلڪل ديسي - رياستي ماڻهوءَ کان به سهج - اَصل پهاڙي بلوچستاني! شري هري موٽواڻي سنڌيءَ هن جي پر پٺ هن لاءِ واقفيت ڏيندي ’’فوٽوگرافر دوست‘‘ جو ذڪر ڪيو هو. مان هن کي ڪهاڻيڪار طور ڄاڻڻ لڳس ته هو ڳجهو چترڪار نڪتو. پل ڏهه سال وڏو هو پر قد ۾ فقط هه ننڍڪا وڏو هو. (پر ليکڪ طور ڏهه کوهه وڏو هو، اها ڳالهه ڪڏهن رندڪ بڻي) هن جي عمر جي فقط هن هڪ ليکڪ کي ئي مون ’’تون‘‘ چوڻ جي

• شرڌانجلي

''شيام جئسنگھاڻي اَسانجو دوست''

مان هن کي کونہ سڃاڻان، هوُ مونکي کونہ سڃاڻي.

سڀ چوندا آهن، شيام مشڪي تاري سگھڻ جو ڏانءُ رکندو آهي.

سنڌي اَدب جو هڪ Outsider آهي. مان اِهو ڪيئن مڃان. مونکي تہ ڳول

اچي لهندو آهي. ياد اٿم تہ گھڻا سال اڳ، دهليءَ ۾ هئاسين. شيام، نار

شيام سان گڏ، ڪٿان ڳالهيون ڪندي اچي رهيو هئو. مان بہ اچي پهتس،

چيائين توکي اڄ مان ڏسڻ ٿو چاهيان، ڏسي رهندو سانءَ، هئي شيام مرڪ

لڳا. مان ڪيڏو خوش ٿيو هوس، اسان ٽيئي موڄ ۾ اچي ڏسندا رهيا هئاسين

هڪ دفعو شايد 1999 ۾ گوئا مان موٽندي، ايئر پورٽ تي جهاز ڇڱو ليٽ

ويو. ڪرشن راهي ۽ لڇمڻ ڪومل هڪ ٻئي سان جنبي ويا. واسديو نرمل

ويچارو بار لڳندو آهي. شيام چيو، اڄ تہ گھمائي اچانءَ. هوُ هميشهہ رو

رهيو، مونکي پهريائين ڪوڪا ڪولا پيئارڻائين ۽ پوءِ وديشين سان شروع

ويو، مان سمجھي ويس تہ هنجي پير ۾ جنڇر چو آهي.

پاڻ بہ ڪوئٽيا ۾ پليل، پوُرو پوُرو، جهاز وڃي ليٽ لڳندو. گوئا

پورٽ وڏو تہ ڪونهي، تہ بہ ٽڪائي ڇڏيائين.

گوئا ۾ ئي ائين ٿيو هئو، 25 نومبر تي مون ۽ واسديو نرمل، و

ڪاڏو ڪائڻ چاهيو شيام چيو، مان بہ توهان سان، مون سان گڏ اچو، رلي پ

دير رات جو، ڪنهن بند ٿيڻ واري هوٽل ۾ گھڙي ڪجھہ ڪائي ورتوسين

اسان ٽئي ڏاڍو خوش هئاسين. شيام کي خوش ٿي جيئڻ ايندو هو.

ويجھڙ بہ فون ڪري مونکي ڳولهي لڌائين، چيائين توکي

رهندس. هاڻي مان هن کي ڏسڻ لاءِ سڪان ٿو.

شيام جي راڌا ٿيڻ جو ڏانءُ مونکي ڪٽي آهي.

(۰۹-۰۳

شيام جئسنگھاڻي اَدب جي خلال ۾ خال

سنڌي اَدب ۾ ڪھاڻي جي آفتاب تي هند ۽ سنڌ ۾ وڏو نالو هئو ۽ آهي. هيءَ بيوقتائتو موت ڪيس ڪٽي ويو. اسان ادبي دوستن کي شديد سان محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ هڪ ڪھاڻي يگ جي پڇاڙي ٿي آهي. ايندڙ يگ ۾ ڪو ڪھاڻي نويس هڪ ٻيو ڏينھن يا ننگو آسمان جھڙي ڳاٽا ڏيئي سگھندو؟ شيام جئسنگھاڻي کي سنڌ جي وڏي ڪھاڻي نويس علي بابا سان سولائي سان پيڻي سگھجي ٿو. هو ٻئي ڪھاڻينويس سنڌ ۾ ڪوٽڙي جي پيدائش آهن. علي بابا جي ڪھاڻي ڏرتيءَ ڏڪاٽا ادبي حلقن ۾ گيٽ ڪرئش ڪري آئي ۽ ادبي منّاچري ۾ دائمي مقام حاصل ڪري ورتائين. شيام هفتي ۾ ٻہ دفعا فون تي احوالي ٿيندو هئو. هر بار سنڌس کي مارل سپورٽ ڏيڻ مان پنھنجو واحد فرض سمجھندو هوس. سنڌس وڃڻ واري ڏينھن مان ممبئي ۾ نہ هئس. شرڊي ۾ ڪٽنب سان ويل هوس. سَرَ تي غير حاضر رهي سنڌس شاهاڻي صورت پسڻ کان محروم رهجي ويس جو درد مون ساڻ سدائين لاءِ رهندو. وڃڻ کان ٽي ڏينھن اڳہ احوالي ٿياسين چيائين، منھنجي پلنگ تي منھنجي سي.ڊي تو لاءِ رکي آهي. جنھن ۾ منھنجا فوٽا آهن ۽ ٻيو ٻہ گھڻو ڪجھہ تو لاءِ آهي، سي.ڊي حاصل ڪرڻي اٿم. مون ٻہ دفعا ساهت اڪادمي دادر - ممبئي ۾ سنڌس وڏي ۾ وڏو اعزاز جھڙو 'مان' ڏيڻ Meet the Author تاريخ مھمل سنڌس چوڻ ڪري ڪئي جو سنڌس طبيعت عليل هئي. اسانجا پنھنجا سنڌي اديب - نقاد پنھنجين مشغولين ڪري سنڌس معياري تحرير ''ممبئي منھنجي'' هائيڪو اشاعت ٿيل انتخاب تي تبصرو نہ ڪري سگھيا. ڏک اٿم رهجي وڃڻ ڪري. شيام جئسنگھاڻي ٢٥ کان وڌيڪ ساهتيڪ انتخاب سنڌي ادب جي مھراڻ ۾ وڌا ۽ آخرين سنڌس ڪھاڻين جو سنگره ''شيام جئسنگھاڻيءَ جون چونڊ ڪھاڻيون'' اجنتا پبليڪيشن، اجمير وارن اشاعت ڪري پُرسُڪون سنڌس اکين ۾ تارن جي خوشنما روشني پري. آڏونڪ سنڌي ساهت ۾ شيام جئسنگھاڻي هڪ وڏو نالو نکري آهي جو هن گروه بندي کان پاڻ الڳہ رکي هر ڪنھن سان دوستي واري پرنالي ۾ گشت ڪيو. ''زلزلو'' ناٽڪ (١٩٩٨) ناول تي مرڪزي ساهت اڪادمي کيس انعام سان نوازيو هئو. بس هڪ هفتي جي مفاصلي تي وري سنڌي اديبن کي هڪ ٻيو وڇوڙي جو درد ڏنو. جو آهي لال پشپ جو سنڌي ادب ۾ سنڌي ڪھاڻينويسي ۽ نثر جو اِنتھائي وڏو نالو آهي هند ۽ سنڌ جي

جريت ڪئي هئي. ان ۾ هن جي ڏاڏائي اڳيان هار مڃڻ جو مونکي ياد آهي

اها ويجهائي تڏهن پئدا ٿي جڏهن هو ڦهريون ڦيرو پاونگر آيو

هن جي ڪهاڻين ۾ ويسٽرن ميوزڪ ۽ آرڪيسٽرا جا ڏکيا ذڪر ملندا آهن

هن مون کي اَچي ٻڌايو هو تہ هو پڪٽ ڪنوررام جي گيتن جو عاشق آهي

جڏهن ٽيليوزن عام جام ٿيڻ لڳا تہ هو رڪارڊ- پليئر سسٽم وٺي آيو

البت دنياداريءَ سان ايترو نڀائيندو رهيو جو گهر جي پرسان مون لاءِ بيئر

ويو تہ چيائين ڪڏهن پئجامو پائي ٻاهر نہ ويو آهيان ! هن جو شخص اَندر

هڪ نرم دل، حجت وارو، دلبرانہ طبعيت رکندڙ. سڪ محبت سان ۽ نماڻائي

سان پيش ايندڙ. پوري ڪٽنب سان پنهنجو ٿي ويندڙ ۽ سيني جو نالو ڪ

اَڪثر فون ڪري حال -چال پڇندڙ هڪ ڀلي ماڻهوءَ جو چِتر پيش ڪري

ڪهاڻين ۾ هن جا ڪردار اِنٽر نئشنل- ها فاءِ ٽيڪنو- فرينڊس ۽ هاءِ

ڪلاس جا باشندا ڏسجندا آهن. جيڪي سيتا جي اونچي ديوار ٽپي فقط

نہ پائيندا آهن. بسترن داخل گستاخين جا ماڊل بہ لڳندا آهن.

پر پوءِ - هن جو اَپياس ڪندي اهو ورود- آپاس ڏيري ڏي

''آپاس'' لڳندو آيو ۽ محسوس ٿيڻ لڳو تہ اڄ جو ماڊرن-ايج جو فرد- پنهن

زندگيءَ جا خال پرڻ ۾ اهي ڪلابازيون ڏيئي رهيا آهن. هونءَ اهي بہ اَصل

- اندر ۾ عام اِنسان ئي آهن. جن پنهنجا ڪپڙا بدلائي ڇهري جو ميڪ

اَپ ڪري ڊائلاگ رٽي جديد جيون- شئليءَ جو سانگہ رچائڻ جي مجبو

لڪائڻ ۾ ٿوري ڪاميابي حاصل ڪئي آهي!

اها هن جي ليکڪ ڪلاڪار چترڪار فوٽو گرافر کان وڌيڪ هن

چنتن - فڪرجي ڪاميابي وڌيڪ آهي. مان مڃان ٿو هر سنو ليکڪ 'فڪر

اَحساس کٽي ٿو هلي. هن جي ڪهاڻي پڙهڻ بعد اسان کي اها ''ڪٿا''

ڪانہ ٿي اَچي جا رواجيءَ ڪهاڻي ۾ وٺان ايندي آهي. ''فڪر'' ۽ ''اَحسا

ئي هٿ اَچي ٿو؛ اگر پانڪ اهو هٿ ڪري سگهي ٿو. ٻيءَ حالت ۾ بيو

ڪهاڻي پوري پڙهڻ کان اڳ ئي رستو ڀلجي ويندو.

پنهنجي ڪِرن جو جگِريءَ بين جو جاني شيام جئسنگهاڻي جن

پر ۾ رهيو يا جن سان ڪنهن طرح ويجهو رهيو اُهي خوش نصيب آهن.

بہ اُنهن مان هڪ آهيان. البت هاڻ انڪري وڌيڪ ڏکي بہ آهيان.

هئي، منهنجي پڻ. جڻ وڏ پيا هئا دل ۾.

اِئين تہ فون ذريعي اسين هڪ ٻئي سان سدا جُڙيل هئاسين پر خاص طور پوئين سال جي دوران ساڻس تقريبن روز ملاقات ٿيندي هئي ۽ وقتي ٣-۴ دفعا بہ، جو مان سندس آخرين ڪتاب ''شيام جئسنگهاڻي جون چونڊ ڪهاڻيون'' ڇپائي رهيو هوس. مونکي روحاني سڪون/ سنتوش جو احساس آهي جو مان سندس حياتي ۾ ئي سندس دلي خواهش ۽ پنهنجو ادبي فرض پورو ڪري سگهيس.پنهنجي ڪتاب جي شانائتي ۽ مانائتي اِشاعت تي هوُ بيحد خوش هو ۽ ممبئي ۾ اُنجو شد مد سان وموچڻ ٿيو، جنهن ۾ هوُ خود شامل ٿيو. هوُ جسماني طور ڀلي مونکان دور رهندو هو / هليو ويو آهي. پر منهنجي روح سان سدائين رِليل مِليل رهندو. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سندس مقام يگانو رهندو ۽ سندس ذڪر نهايت شدمد ۽ احترام سان ڪيو ويندو. هوُ اعليٰ درجي جو ڪهاڻيڪار هئڻ سان گڏ هو سٺو فوٽوگرافر، چترڪار ۽ ڪوي بہ هو، اِنڪري سندس ڪهاڻين ۽ ڪردارن مان سهڻن چترن، ڪلاتمڪ فوٽوگرافي ۽ ڪوتائي سونهن جو آڀاس /اَحساس ٿيندو آهي. مونکي سنڌي فڪشن ۾ شيام جو درجو اوترو ئي اوچو لڳي ٿو جيترو شاعريءَ ۾ شيام (نارايڻ) جو.

اڄ بہ بار بار منهنجن ڪنن ۾ سندس زنده ٽهڪن جو پڙاڏو ۽ وري وري ورجايل اهي الفاظ گونججي رهيا آهن تہ''هري مان بلڪل ٺيڪ آهيان، مان مرندس ڪونہ، مان...مان... مان سدائين زنده رهندس.'' هاها، منهنجا همسفر، همسخن دوست ! تون پنهنجين لاثاني رچنائن ۾ ۽ اسانجي دلين ۾ سدائين زنده رهندين.''

◇◇◇◇

ادبي معاشري ۾ ماتم مثل آهي. هنن ٻنهي اديبن جي جدائي سنڌي ا
کي نه سهڻ جهڙو ھاڃو پهچايو آهي. شيام منهنجو لاثاني يار منهنجو
ڇڏائي ھُن پار هليو ويو آهي. پنهنجي مننار محبوبا ڪرڻ سان ملڻ، جا آ
سڪون آهي اِنتهائي منزل آهي.

◇◇◇◇

• **اسانجو دلبر شيام** هري همٿ

نند جويريءَ فون تي ٻڌايو: ”هري اسانجو شيام گذا
ويو.“سيسراٽ اُڀريو، دانهن دل اندر ئي دٻجي ويئي هئي. مان شيام جي
۾ ڪو وقت وينو رهيس. هاڻي مان شيام جو آواز فون تي ڪونه
سگهندس. نه ته آنجهيءَ مانجهيءَ ڀنيرڪي مهل، رات جو يارهين - ٻار
ٻجي فون تي گهنٽي وڄندي هئي. رسيور کڻڻ تي نهايت جهيڻن ۽ ڇڄ
لفظن ۾ ٻڌندو هوس، ”هري مان شيام“ رهاڻيون ڪندا هئاسين، هوُ پنه
دک ونڊيندو هو،”هري نند نٿي اچي... هري توکي خبر ڪونهي
ڪهڙين حالتن ۾ جي رهيو آهيان؟.... سندس پيڙا منهنجي رڳه رڳ
ڦهلجي ويندي هئي. هڪ دفعو نه، انيڪ دفعا کيس چوندي ٻڌو هوم:
شيام ۾ اڃا همٿ آهي... شيام ۾ اڃا دم اَٿيئي.... مان نيڪ ڏيندس
وٽ ضرور ايندس.....

... پر هاڻ اهي لفظ ٻڌي ڪونه سگهندس. شيام اسان کان گهڻو،
دوُر هليو ويو. اسان وٽ ڇڏي ويو ته فقط بس پنهنجون يادگيريون.

ڳوڙها جهل نه ڏين. نند، هيءَ تو ڪهڙي خبر۾ ٻڌائي؟ شيام جي م
سرير جي سيرانديءَ کان ويٺي پتو ئي نه پيو ڪيترو وقت گذري ويو هو ! ....

شيام سان منهنجي ساهتڪ ويجهائي هئڻ سان گڏ شخصي قرب
گهٽي هئي. هوُ نهايت پيارو دوست/شخص هو. هڪ لڳا فون تي چيا
”هري منهنجي اڃا آهي ته تون اجنتا پبليڪيشن طرفان منهن
ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپائين.“ ”ڇپائيندس يار، پر تون مونکي اڻ
ڪهاڻيون ڏي. سنڌي ادب کي تو وٽان ڪجهه نئون.“ ”لکي سگهان ته
نه ڏيان؟“ ”پنهنجي آتم - ڪٿا لک مان شد مد سان ڇپائيندس.“ ”ا
ته لاچاري آهي....“ جڻ دل پرجي آئي هئس. دل هن جي ڪونه پرجي

هڪ مهان ساهتڪار

د سريچند گرناڻي

شيام جئسنگهاڻي جنهن تي نہ صرف هر هڪ ساهتڪار، ڪلاڪار چا پر هر سنڌيءَ کي فخر هجڻ گهرجي. هيءُ صاحب هڪ تمام سٺو ساهتڪار، ڪلاڪار، چترڪار ۽ پڻ تمام هڪ سٺو انسان هو. پنهنجي محنت ۽ لگن سان هيءُ صاحب وڏيءَ پدويءَ تي پهتو. هيءُ صاحب ساهتيہ اڪاديمي ممبئي برانچ ۾ سب ايڊيٽر جي عهدي تي پهتو. جيڪو عهدو بہ هن صاحب تمام سٺي نموني نباهيو.

هي صاحب سٺو ڪهاڻيڪار هو. هنجي ڪهاڻين جو مجموعو ”ننگو آسمان“ مون پڙهيو آهي. هن ڪتاب ۾ سڀئي ڪهاڻيون سٺي معيار جون آهن، پر سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻي جيڪا مونکي بيحد وڻي اها هئي ”ننگو آسمان“. هيءُ ڪهاڻي هڪ پاڪيٽ مار جي ڪهاڻي آهي. هيءُ پاڪيٽ مار جيڪو لوڪل ٽرينن ۾ پاڪيٽ ماري ڪندو هو ۽ آخر ۾ اُن پاڪيٽ مار جي ڪهڙي نہ درگتي ٿئي ٿي ان جو سندر بيان هن ڪهاڻيءَ ۾ آهي. پانڪن لاءِ شيام جئسنگهاڻيءَ جون ڪهاڻيون هڪ سٺو مثالو آهن.

هيءُ صاحب هڪ سٺو ناول نويس پڻ هو. هن صاحب جو ناول ”ڪچا ڌاڳا“ هڪ تمام سٺو ناول آهي. شيام جئسنگهاڻي هڪ سٺو ترجمو ڪندڙ بہ هو. هن جو ترجمو ڪيل مشهور بينگالي ساهتڪار شرت چندر چٽرجيءَ جو ناول ”ناريءَ جو ملهہ“ هڪ شاندار ڪاريہ آهي.

هيءُ صاحب هڪ سٺو نقاد بہ هو. هن جو ”نوان اُفق“ هڪ سٺو ڪتاب آهي جنهن ۾ هن صاحب ڪيترن سنڌي ڪهاڻيڪارن تي تنقيد ڪئي آهي. هيءُ صاحب هڪ شاعر هو جنهن ”وچوٽيون“ شاعري لکي ثابت ڪيو تہ هيءُ صاحب هڪ سٺو شاعر هو.

شيام جئسنگهاڻي هڪ سٺو ناٽڪڪار بہ هو. هن صاحب ”زلزلو“ ناٽڪ لکي ڪري ۽ ان تي هن صاحب کي ساهتيہ اڪاديميءَ جو انعام حاصل ٿيو.

شيام جئسنگهاڻيءَ کي ٻين بہ گهڻنئي انعامن ۽ عزت سان نوازيو ويو آهي. هن صاحب ساهت جي هر ڏس ۾ پنهنجو قلم تمام سٺي نموني آزمايو ۽ اُن لاءِ هن کي ڏاڍو سٺو مان مليو. هيءُ صاحب نہ صرف چترڪار هو پر هڪ سٺو فوٽوگرافر بہ هو. عجب جي ڳالهہ آهي تہ ڪيئن نہ پرماتما جي مهر سان هڪ اِنسان ۾ ڪيترا نہ جدا جدا گڻ عطا ڪيا ويا. اِها سچ پچ تہ مهر

• شيام سدائين ياد رهندو

شيام جئسنگهاڻيءَ سان منهنجي واقفيت1952ع ۾ ٿي مان خو
مزاج ۽ کٻتيءَ جو سنو رانديگر هيس. آر.ايس.ايس جي ڪئمپ ۾ سڄو مه
پوني ۾ ڪٺا هياسين. هڪ ٻئي جي صحبت وڻي وئي.

شيام اسڪول ۾ هڪ لوڪ پريه شاگرد هئو. اسڪول ڇڏڻ ڪان پوءِ
شام جو اسڪول ۾ پينٽنگ ڪندو هو.ڪيترا شاگرد لکي لکي هن کي پينٽ
ڪندو ڏسندا هئا. شيام بنيادي طرح پينٽر هيو. انڪل 25 سنڌي ليکڪن
ڪتابن جي ڪور ڊزائينون هن ناهيون هيون.

شيام بمبئيءَ ۾ لڏي ويو ته اسان جو Contact ٽٽي پيو. پر ديپ
پبليڪيشن جو مهورت ٿيندو هيو ته مونکي نوتو ضرور موڪليندو هيو. مان
ئي دل ۾ شيام کي داد ڏيندو هيس.

شيام Perfectionist هئو. پنهنجا دستخط وري وري درستيون ڪ
هيو. اکرن جي تڪ تور ڪندو هيو.مون ڏٺو ته سنڌ جي هڪ مجموعي
مهاڳ لکندي چار چار دفعا پٺي درستيون ڪيائين. ڪو مضمون جيستا
Perfect نه ڪندو هو تيستائين هن کي آرام نه ايندو هيو.

انگريزي ادب جو ايترو اڃايل هيو جو پنهنجي ڌيءَ کي سينگ
يونيورسٽيءَ جي ايم.اي. جي امتحان ۾ انگريزي ادب پڙهايائين.

انگريزدي ادب جا ٻيا ڇاٽو هئا موهن ڪلپنا ۽ لال پشپ. شيام گ
هيو، آوارا نه، هماليه جبلن جي چوٽين تي تبيٽ جي لامائن جي صح
ڪئي هئائين. هڪ دفعي گهمندي گهمندي چين جي حد ۾ هليو ويو
گوئا جي الڏ اُگهاڙن هپيز سان سنگت، ڊرگس ۽ هيروئن وغيره واپرائين
سان رهندي به پاڻ نرليپ رهيو.

شيام ڪيترين ٻولين ڄاڻيندو هيو. سنڌي، گجراتي، مر
ڪونڪني وغيره. هن جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ساهتيه اڪاڊيميءَ کي هن
کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

شيام جي شڪتي ۾ ڪمزوري هئي هن جي ارڏائپ. سفر تي
هيو ته به ٻنهي جو هڪدم اٽوٽ وشواس هوندو هيو. شريمتي جي موت ڪا
مون ٣ سال هن جو هيوميوپيٿڪ علاج ڪيو. دروازي تي پهچڻ لاءِ لڪڙي
هيو. ڪجهه ڏينهن جي علاج کان پوءِ بالڪنيءَ مان اها لڪڙي ڦٽي ڪ
سرير نوبنو ته ٿيو پر اڪيلائي؟

شيام کي ڪنهن بيماريءَ ڪونه ماريو پر اڪيلائي ماري وڌو.

شل سرڳ ۾ هو پنهنجي شريمتيءَ سان ڪنو سکي هجي ۽ اڪيلائي کان سدائين دور هجي

◇◇◇◇

طرفان، ناٽڪ چنايتين ۾ شيام جو انعام حاصل ڪيل ناٽڪ ”زلزلو“ مونکي ريڊيو لاءِ هدايت ڪرڻ لاءِ ناٽڪ شيام ۽ ريڊيو وارن ڏنو تہ ناٽڪ پڙهي منهنجي اندر واري ڪلاڪار کي اهو قبول ڪندي خوشي حاصل ٿي تہ، شيام مدن جماڻي کان بهتر ناٽڪ نويس آهي. جا ڳالهہ خود شيام کي ريڊيو تي ناٽڪ رڪارڊنگ ڪرڻ وقت چئي تہ خبر اٿو شيام مونکي ڇا جواب ڏنو؟ مون تہ ”زلزلو“ ناٽڪ ۾ جيڪي چار تبديليون بطور ناٽڪ نويس. ناٽڪ مان ڪجهہ انش ڪٽي ۽ پنهنجا مون سان صلاح ڪري وڌا آهن. اُنهن ناٽڪن کي ”آتما“ ڏني آهي. اِهو مدن جهڙو هدايتڪار ئي ٿو ڪري سگهي، ”زلزلي“ ناٽڪ شيام ۽ مونکي گهڻو ويجهو آندو. مان ڪوشش ڪري شيام جي هر رچنا پڙهي شيام سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هوس ۽ شيام منهنجا ناٽڪ ڏسي يا ريڊيو تا بڌي ساراهہ ۾ مونکي شنان ڪرائي مزو وٺندو هوا ها ناٽڪ لکي چيڄڻ کان پهرين مونکي ناٽڪ پڙهڻ لاءِ ڏيڻ جو نيم هن آخر تائين قائم رکيو. اُستاد شاعر نارايڻ شيام جي اصل رچنا آهي.

”آنءُ هڪ آواز فضا ۾ گم ٿي ويندوسانءِ،

مونکي ڏسڻ لاءِ پوءِ ڳڳن ۾ واجهہ وڌا واجهجهانءِ.“

اڪثر صبح جو سوير شيام جو فون ايندو هو. مون سان شيام جي فون جي گهنٽي ڳالهائيندي هئي، ڪارڻ رات جو دير سان سمهڻ، صبح جو دير سان اُٿڻ جي عادت سڀني کي جاڻ آهي. ڄاڻ هوندي بہ شيام جي معصوميت ۽ سڪ ۽ چڪ شيام کي جلدي صبح جو فون ڪرائيندي هئي. گهڻا دفعا تہ فون جي گهنٽيءَ تي ننڊ مان جاڳي بہ مون فون کنيا. پر فون جي ٻئي پاسي شيام جو آواز، معافي، معصوم ٽهڪ ۽ احوالي ٿيڻ جو اَنداز ۽ پنهنجائپ محسوس ڪندي. شيام جا فون پيارا لڳندا هئا. جي جلدي جلدي اچڻ سبب خبر ئي ڪانہ پيئي تہ ڪيئن ۽ ڪڏهن شيام جا فون جيئڻ جو انگ بڻجي پيا. ٻہ چار ڏينهن جي هن جو فون نہ ايندو هو تہ هڪ خال محسوس ٿيندو هو ۽ فون ڪري ڳالهائڻ بعد ئي آنڌ مانڌ ختم ٿيندي هئي. تہ ساڻ ساڻ خوشي پڻ ملندي هئي. شيام بيمار هو گهر مان مهنن جا مهينا ٻاهر ڪونہ نڪرندو هو تہ بہ تي فون تي هوُ گهڻو ڪري سڀني ويجهن دوستن ۽ سنڌ جي پيارن ڪلاڪارن، ساهتڪارن، پترڪارن ۽ سنڌي سپوتن سان جڙيل هو. شيام کي

آهي. لتا منگيشڪر جيڪا جڳ پرسڌ ڳايڪا آهي اُها بہ رڳو ٻائڻ وديا ۾ ما
آهي.

پر شيام جئسنگهاڻيءَ ڪي جڏهن ياد ڪيو وڃي تہ مونکي اٽليءَ
ڏات ڏٺي ليونارڊا ونسي ياد ٿو اچي جنهن ۾ بہ گهڻيئي گڻ هئا ۽ چون
آهن تہ ان جهڙو جينئس اڄ تائين نہ ٿيو آهي.

شيام جئسنگهاڻي نہ صرف هڪ مهان ساهتڪار، ڪلاڪار، چترڪ
فوٽوگرافر، سنڌيڪار هو پر هڪ تمام سٺو اِنسان بہ هو. منهنجي هن صاح
سان پهرين ملاقات اڄ کان ۵۵ سال پهريون نيتاجي اسڪول، اُلهاسنگر ۾
هئي. جڏهن هيءَ صاحب اسڪول جي موڪل کان پوءِ اسڪول جي ڏاڪڻ ج
هڪ ڏاڪي تي ويهي ڪري هڪ چتر ڪڍي رهيو هئو. اهو نظارو مونکي اڄ
بخوبي ياد آهي. هن صاحب سان منهنجي شخصي ملاقات گهٽي نہ ٿي آه
پر ٿوري ملاقات ۾ بہ هن صاحب مون تي گهرو اثر ڇڏيو آهي. هن صاحب
مان ڪڏهن بہ ڀلائي نہ سگهيو آهيان ۽ اڳتي بہ اهڙي اُميد آهي.

◇◇◇◇

• سدا حيات شيام جئسنگهاڻي، مدن جما

شڪل جو سهڻو، قد جو پورو پنو، اکين ۾ فنڪاري چمڪ، چپن
خاموشيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ چوندڙ، مسڪراهٽ، آهستي، پر مٺو ۽ ڇپي چ
ڳالهائيندڙ، جذبات جو سنڌوساگر ، غير رواجي ساهتڪار جنهن جي لکڻين
چوندڙيون ۽ بوليءَ ۾ آڪاشي اُڏام تہ سوچ ۾ علحدي نواڻ سان ش
جئسنگهاڻي جي مُهر صاف نظر ايندي آهي. شيام جون ڪهاڻيون.
نظم، ناول، مضمون ۽ ناٽڪ. شيام کان اڳ ۽ پوءِ جي ساهتڪارن کان بل
الڳ، ۽ سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ ئي آهن. پر اُهي ڪنهن جا نقل، ڪنهن
اُتساهت يا ترجمو نہ. سو في صدي شيام جا پنهنجا سوُر ڪائي ڇٽيل ٻار آه
عجيب وري اهو بہ تہ شيام، صرف ساهتڪار ئي نہ پر ساڻ ساڻ هڪ ڪام
چترڪار، شلپڪار ڪئميرا فوٽوگرافر سان، ساڻ ساڻ هڪ نهايت ئي ني
سچو، ايماندار، صوفي درويش. گياني ڌياني، ٻاراڻي دل رکندڙ فيلسوف
هڪ اُهو دوست جنهن سان ڳالهيون ڪندي وقت بيهجي وڃي. جدا ٿيڻ
دل نہ ٿئي ۽ زبردستي اُٿڻ سان ڏکہ ٿئي ! مان بطور ناٽڪ نويس. اسي
ريڊيو، ٽي.وي. تي هڪ سوُ کان بہ مٿي ناٽڪ لکڻ ۽ انعام حاصل ڪرڻ ڪ
پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ لڳو هوس. پر جڏهن بطور هدايتڪار آڪاش وا

• شيام‌سان آخري شام — شوڪت حسين شورو

شيام جئسنگهاڻي جي شخصيت ۽ خاص طور سندس فن تي لکڻ جي لاءِ گهري اڀياس جي ضرورت آهي. ان لاءِ وقت کپي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ شيام جي لکڻين تي تنقيدي اڀياس وڌندو ئي رهندو. اهو ان ڪري ته شيام جئسنگهاڻي سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ عام ليکڪ ڪونه هو، نئين سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ شيام جي دين تمام وڏي آهي. سنڌيءَ جي ٿورن وڏن ڪهاڻيڪارن ۾ هن جو نالو شامل آهي جن ڪي شاهڪارن ڪهاڻيون لکيون آهن.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي اديبن جي بدقسمتي اها آهي ته اسان وٽ هڪ ٻئي جون لکڻيون پوري طرح موجود ڪونه آهن، جن جي آڌار تي انهن بابت ڪجهه ڳالهائي سگهجي. آئون جڏهن به انڊيا ويو آهيان ته ڪوشش ڪري اُتان سنڌي ڪتاب ڪٺي ايندو آهيان، پر سنڌ ۾ انهن ڪتابن جي ايتري بک آهي جو دوست اهي ڪتاب پڙهڻ جي لاءِ وٺي ويندا آهن ته وري موٽائي نه ڏيندا آهن. شيام جئسنگهاڻي جي ڪهاڻين جو هڪ به مجموعو مون وٽ موجود نه رهيو آهي. شيام بابت شخصي تاثر لکڻ کان سواءِ مون وٽ بيو چارو به ڪونهي.

شيام سان منهنجي پهرين گڏجاڻي 1986ع ۾ تي هئي بمبئي ۾ ٻُڪ فيئر هو. اُتي ساهتيه اڪادمي جو اسٽال لڳل هو. هري موٽواڻي مون کي اُتي وٺي هليو ويو. مونکي ڪتاب ڏسڻ ۽ وٺڻ جو شوق ته هو پر وڏو شوق شيام سان ملڻ جو هو. شيام مونکي هڪ ساداڻ ۽ نهنو شخص لڳو. ان وقت جي مشهور ليکڪن کان الڳ ٿلڳ . تڏهن هند ۾ سنڌي ليکڪن جا گروپ نهيل هئا. هڪ ترقي پسند اديبن جو گروپ هو، ٻئي طرف ترقي پسند ليکڪن جو مخالف وچين پيڙهي وارو گروپ ۽ ٽيون ماڊرن ليکڪن جو گروپ. شيام جئسنگهاڻي جو تعلق ته ماڊرن ليکڪن سان هو پر هو ان گروپ ۾ شامل ڪونه هو. جڏهن اتي سنڌي ساهت جنگ جي ميدان جو ڏيکاءُ ڏيئي رهيو هو، تڏهن شيام جئسنگهاڻي اڪيلو ليکڪ هو جيڪو ان ميدان جنگ کان ٻاهر هو. پر، پاڻ کي مڃرائڻ يا پاڻ کي وڏو ليکڪ ثابت ڪرڻ جي لاءِ ٻين ليکڪن تي ڪڏهن شخصي حملو ڪونه ڪيو. هن تنقيد ڪئي، ڪهاڻين ۽ ناولن جو تنقيدي اڀياس لکيو، پر تنقيد جي حد تائين.

هلڻ ۾ تڪليف هئي ته به هو مالڪ ئي ڄاڻي ڪيئن؟ سمنڊ ڪناري، پهاڙ
جنگهلن ۽ قدرت جي گود ۾ هفتن جا هفتا وڃي اڪيلو گذاري، پنهنجي ت
من سوچ ڪي ڪار وانگر سروس ڪرائي جيون جنگ لڙڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪر
ايندو هو. شيام جي بامبي مان اُهي غير حاضريءَ جا ڏينهن ۽ شيام
موبائيل نه رکڻ جي عادت، شيام جا فون نه اچڻ وارو عرصو گهڻو ڪج
پوڄائيندڙ، محسوس ڪرائيندڙ ۽ ستائيندڙ پاسندو هو. هاڻ ان رشتي کي
کهڙو نالو ڏيان. دوست ته بيا گهڻائي اٿم ۽ شيام کان ويجها به ۽ پراڻا دوس
اٿم، پر شيام روپي گل جي خوشبوءِ ئي ڪجھ نرالي آهي.

شيام لاءِ نارايڻ شيام جو هي شعر:-
زندگي هڪ نه پر شيام ٽٽولي آهي
اڳي سوچيندو هوس مگر هاڻ ڄاڻ پيئي آهي.
روشن روشن چانورو - ليڪن آهي موت!

هڪ ڏينهن صبح جو شيام جو فون آيو. ٺهڪ ڏيندڙ دلير بهادر ش
ڳالهايو ته به فون تي پر.... پر رُڪجي رُڪجي سندس لفظ موبائيل فون
بئٽري چارج نه هئڻ ڪارڻ جيئن بڌبو ته آهي پر ٽٽل ڦٽل صاف نه، ائين
چوڻ ۾ پي آيو ته شيام جو آواز. مان اچان ٿو تنهنجي گهر شيام چئي
رکيو ۽ چئمبور ڪليڪٽر ڪالوني تي شيام جي گهر پهتس. اُس ۽ گرمي
مون سنڌ مان آندل ٽوپي پاتي هئي. شيام بستري داخل هو. پاڻس در
کوليو. مونکي ڏسي ٻار جيان شيام خوشيءَ ۾ ئي نه پي سمايو. '' حرامي
سچ پچ هليو آئين اچ اول پاڪي پاءِ. مون پاڪي پاتي مانس ته ڀڻ مون
چُمي ڏني. مدن ٽوپي ته ڏاڍي پياري آهي اسان جي سنڌ جي آهي نه؟
جواب ۾ ٽوپي لاهي شيام کي پاتي ۽ چيومانس ها سنڌ مان آندي اٿم. ه
تنهنجي سر جو تاج بڻجي ٽوپي جي ڪاريگر جي محنت ثاب پيئي! مو
شيام سان ڪلندي ٺهڪ ڏيندي پي ڳالهايو، پر شيام جي ڳالهائڻ، ڪمز
۽ سرير جي بغاوت اشارا ڪجھ جدا پي ڏنا ته به شيام. باردر تي دشمن
ملڪ جي پچاءُ ۾ لڙندڙ فوجيءَ جيان، ٺهڪن جون گوليون هلائيندي ه
جنگ لڙي رهيو هو! اُها منهنجي شيام سان آخرين ملاقات رهي !

رڪ وسايل رات جو باقي رهي،
صبح ڏوٽيون ويا ڇڏي جوڳيڙا. (شيام)

◇◇◇◇

2008 ۾ شيام جئسنگهاڻي سان منهنجي آخري گڏجاڻي ٿي هئي. ساهتيه اڪاديمي جي طرفان سرحد جي پار جي سنڌي ادب تي ڪوناپل سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ آئون سنڌ جي ڪجهه ليکڪن سان گڏجي دهلي آيو هوس. اُتان هيرو ٺڪر ۽ آئون ممبئي ۾ نند جويري جي گهر ڪجهه ڏينهن لاءِ ترسيا هئاسين. پنيان اياز گل ۽ تاج جويو بہ نند جي گهر ۾ اچي ترسيا هئا. نند اسان کي شيام جي گهر وٺي هلي ملائڻ جو پروگرام ناهيو. اسين منجهند جي ماني کائي شيام وٽ پهتاسين. شيام وڏي قرب سان پاڪرن ۾ پئجي ويو. ڪمري ۾ اندر وياسين تہ ڪمري جي بي ترتيبي ۽ ٽڙيل پکڙيل سامان ڏسي اندازو ٿي ويو تہ هڪ اڪيلي ۽ بيمار رهندڙ ليکڪ جي ڪمري جي اها ئي حالت ٿي سگهي ٿي. پر اسان جي لاءِ ڏکوئيندڙ ڳالهہ اها هئي ڪمري ۾ رکيل ٽيبل ڪاڏي پيتي جي شين سان پريل هئي. شيام اسان جي لاءِ ايترو سارو انتظام ڪيو هو ۽ اسين پيٽ پري ماني کائي پوءِ ساڻس ملڻ ويا هئاسين. سچ پڇ تہ ڏاڍي شرمندگي محسوسس ٿي. شيام زور پريندو رهيو تہ ڪجهہ کائو پيئو. هن جي دل نہ پئي چئي تہ اسين اتان اُٿون، شايد اسان سڀني کي اهو احساس هو تہ شيام سان اها اسان جي آخري شام هئي جنهن جو سج وري اُڀرڻ وارو نہ هو.

◇◇◇◇

- **شيام جئسنگهاڻي کي سلام!** **نصير مرزا**

انت ڪان پهريون

مونکي ستارن جي ترتيب پسند ڪانهي...

پر شيام جئسنگهاڻي جي نثري نظمن جي، ڪتابن ”گوناني منظر“ ۽ ”منهنجي ممبئي“جي نظمن ۾، اکرن ۽ سٽن جي ترتيب جي اسٽڊي مون جڏهن ڪئي تہ اُها مونکي معصوم ٻارن جي مُرڪ وانگر ڏاڍي پُرڪشش محسوس ٿي.

’ڪونج‘ جي ايڊيٽر شري هري موٽواڻيءَ وٽان فراهم ٿيندڙ انهن ٻنهي ڪتابن منجهان هتي مون هي نظم اوهان لاءِ ائين چونديا آهن. جيئن ساٿو پنهنجي ساٿ، صحبت، همسفري ۽ ڪمپنيءَ لاءِ هن وشال دنيا مان عزيزن دوستن جي چونڊ ڪندو آهي ۽ اوهين چاهيو تہ هنن نظمن کي

انڊيا جي پهرئين يا ٻئي سفر جي آخري رات ڪولابا جي هڪ هو
۾ جتي آئون ترسيل هئس. موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ س
ڪچهري هلي رهي هئي شيام جئسنگهاڻي اچي نہ سگهيو هو، مون شيام س
فون تي ڳالهائڻ چاهيو. موهن ڪلپنا مون کان رسيور وٺي آواز بدلائي شي
کي چيو، ''مان مشتاق احمد شورو ڳالهايان پيو. آمريڪا کان هاڻي ممب
پهتو آهيان ۽ صبوح جو شوڪت سان گڏ هليو ويندس. پاڻ ملي نہ نٿا سگه
پر فون تي ڳالهايون ٿا. پوءِ موهن ڪلپنا مشتاق شورو بڻجي شيام سان
ڪلاڪ ڳالهائيندو رهيو. شيام مشتاق جي جديد ڪهاڻين بابت ڳالهايو ۽ ه
موهن وري شيام کي سندس ڪهاڻين بابت رايا ڏيندو رهيو. نيٺ گ
سامتاڻي موهن کي چيو تہ يار هاڻي گهڻو مذاق ٿي ويو. موهن ڪلپنا کان ٿ
نڪري ويو . شيام موهن جو ٺهڪ سڃاتو ۽ موهن بہ کيس ٻڌايو تہ مون مذ
پئي ڪيو. شيام کي اها ڳالهہ تمام گهڻي ڏکي لڳي تہ موهن کيس بيوق
بڻائي رهيو هو. شيام ان ڳالهہ کي ايترو گنڀيرتا سان ورتو جو هن پورو
سال موهن ڪلپنا سان ڳالهائڻ ۽ ملڻ ڇڏي ڏنو. پوءِ خبر ناهي موهن ڪي
ڪيئن پرچايو.

شيام هري موٽواڻي کي تمام گهڻو ويجهو هو. ڪونج رسالي ۾ ج
ڪهاڻين جي سلسلي ۾ جيڪي بہ خاص نمبر نڪتا اهي سڀ ش
جئسنگهاڻي مرتب ڪيا هئا. شيام جا ڪتاب پڻ ڪونج پبليڪيشن طر
شايع ٿيا. هريءَ سان شيام جي اها ويجهڙائي پڇاڙي تائين قائم رهي. آ
گذريل ٻہ سال لاڳيتو انڊيا ويو هئس تہ مون ڏٺو تہ شيام جو وڏ ۾ وڏ خيال
وارو نند جويري هو. شيام کي هر فنڪشن ۽ دعوت ۾ وٺي اچڻ، اسان کي
کي ملائڻ کان سواءِ هر روز هن کي فون تي حال احوال ٺڻ.

مون 80 جي ڏهاڪي ۾ جيڪو شيام جئسنگهاڻي ڏٺو هو، اهو 00
جي پهرئين ڏهاڪي ۾ جسماني ۽ ذهني طور بنهہ بدلجي چڪو هو. زال
گذاري وڃڻ، اولاد جي نہ هجڻ، اڪيلائي ۽ اڌرنگ (Paralysis) جي بيما
سبب هو ڪمزور ۽ ڏکڻو ۽ جذباتي بڻجي ويو. هن کي اُتي جي سڀني س
ليکڪن کان شڪايت هئي. مون ڏٺو تہ شيام فون تي نند جويريءَ سان
رات تائين انهن ليکڪن جون شڪايتون ڪندو هو ۽ گاريون ڏيندو هو.
کيس ريجهائي شانت ڪرائيندو هو.

گوا بيچ،
پاوَلا بيچ،
ماندو وي ندي جا وهڪرا،
ڪالن گهٽا بيچ،

جتي شيخ اياز صاحب کي چَرچ پرسان گوا جو سير ڪندي خطرناڪ ڪار ايڪسيڊنٽ پيش آيو هو؛ ۽ اُنهن سڀني هنڌن جي سفر جا مشاهدا شيام لفظن جي سلائيڊس تي، ذهن جي پروجيڪٽر ذريعي جنهن جنهن انداز ۾ اسانکي ڏيکاريا آهن، حيران ڪري ڇڏيندڙ آهن.

شيام جئسنگهاڻي جيڪو ڪهاڻيڪار ۽ شاعر هجڻ سان گڏوگڏ هڪڙو فوٽوگرافر ۽ چترڪار بہ آهي، گوا بيچ جي ياترا ڪندي، شيام ڪئميرا کي ڇڻ پنهنجي اکين ۾ رکيو آهي ۽ هٿ ۾ رنگن پريو بُرش، ۽ ڪويتا ڪئميرا ۽ چترڪاريءَ جي ملبل جليل اثر مان جنم ورتل، شيام جا سرجيل هي نظم (منظر) هتي اوهان سڀني جي نالي ڪريان پيو.

فادر اينڊ سن

وڏي ڏينهن پيءُ ۽ پُٽ
اچانڪ بار ۾ ملن ٿا،
(پٽڪي ۾) سني
(پٽڪي ۾) ڊئڊ؟
وڏيڪ نہ پيئجانءِ
خيال رکجوُ ڊئڊ
ڊوُنٽ ٽيل يوئر مَدر،
يو ڊوُنٽ ٽيل ماءِ مدر،
او.ڪي. هائو اي نائيس ٽائيم
يو آلسو هائو اي نائيس ٽائيم ڊئڊ
۽ ڊوُنٽ نو يوُ مدن
و ڪي ڊئڊ
، نو ڊونٽ نو يو...

ڦڙ ڦوت ۾ پڇڻ لڳن ٿيون دوُر،
ڪيڏڙي نہ ننيڙي جان سندن،
ليڪن رفتار بجليءَ جي.
انجنا بيچ جو روڊ
هڪ ڳانءِ،
ٻہ ڳابا،
ڪيڏي نہ آمدرفت،
هن رستي تي!
بيوقوف
اٿاهہ ساگر،
بي مطلب اُڏامندڙ،
هڪ پوپٽ
سالو،

منهنجا عزيزيون ’ دوست نظم‘ به سمجهي سگهو ٿا.

خير هاڻي ٿورو شيام جئسنگهاڻيءَ سان منهنجي پهرين ’هيلو

هاءِ‘‘ جو قصو گوش گذار ڪريو.

’’گرينٽس‘‘.. هن شريمان صاحب جي اُها پهرين ۽ ڪِيوٽ ڪها

هئي. جنهن تي ارلي سيونٽيز ۾ آءٌ عاشق ٿي پيو هئس. اُنهيءَ کان پوءِ

يقين ڪريو، شيام جئسنگهاڻي جون لکيون پڙهڻ پار کان هتي ڏکيا

سان پهچندڙ رسالن ۾ ائين مون ڳولهيون جيئن مائرون ميلي ۾ وڃائجي

پنهنجا ٻار ڳوليندڀون آهن. يا جيئن محفلن ۾ اسين پنهنجا وڇڙي

محبوب ترين يار ڳوليندا آهيون.

بس ته شيام جهڙي شاعر ۽ نگر نثار جي تحريرن جي ڳولها وا

عرصي ۾ پياري دوست ولي رام ولڀ هڪ ڏينهن اندين سنڌي ليکڪن

’’درسنيءَ‘‘ جي صفحن جو درشن ڪرايو. جن تي منهنجي هن ياوک لي

شيام جئسنگهاڻي جي جيوني اِجهو هن ريت درج ٿيل هئي.

جنم هنڌ: ڪوئٽيا، بلوچستان

جنم سال: ١٩٢٧-٢-١٢

سڃاڻپ: ڪهاڻي، ناول، شاعري، ناٽڪ ۽ تنقيد

چيبل ڪتاب: ’’ڪچا ڌاڳا‘‘، ’’نونگو‘‘، ’’ميلن جو سفر‘‘

شعري مجموعا: ’’وچوٽيون‘‘، ’’ڪاهيءَ جي چوُطرف‘‘، ’’ننگو

آسمان‘‘، ’’گوئاني منظر‘‘، ’’منهنجي ممبئي‘‘ انهي کان سواءِ

’’چترڪار‘‘ جي حيثيت ۾ ٥٠ کن ڪتابن ۽ رسالن جا ٽائيٽل

ڪيل سنڌي فلم ’هو جمالو‘ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر طور ڪم ڪيل.

شيام جئسنگهاڻي جي هنن پوين ٻنهي نثري نظمن جي مج

۾ ’’گوئاني منظر‘‘ ۽ ’’منهنجي ممبئي‘‘ جڏهن مطالعي لاءِ مونکي نصيب

ته لڳم شيام نثري نظمن ۾ اظهار جي انوکي انداز کي متعارف ڪرائي

آهي ۽ اهو به بلڪل نئين ٽيڪنيڪ سان.

جيڪڏهن پلجان نئو ته اهو بلڪل پهريون دفعو آهي ته ڪنهن

پنهنجي ’’ٽوئر‘‘ جا مشاهدا ’ٽوئرسٽ‘ جي نگاهه سان ڏسي ۽ هيئن ت

ڪيا هجن ۽ اهڙي ريت لکيا هجن جو اُنهن جو تاثر سون صفحن تي

ڪنهن سفر نامي تي ڀاري لڳي.

هن جي تعزيت ڪريان پوءِ سوچيم تہ سنڌ ۾ اُن جو وڏي ۾ وڏو مداح تہ نصير مرزا آهي، ڇو نہ اُن سان ڏکہ ونڊيا، سو منهنجي پرچاٽي قبول ڪر پاڻ! تڏهن موهن جي اُن تعزيت تي مون يڪدم سوچيو، سنڌ ۾ شيام جئسنگهاڻي جو آءٌ صرف مداح ئي ڪٿي هوس، آءٌ تہ هن جو مريد بہ هوس. جي ها، ادبي مريد ! ۽ ان حيثيت سان هڪ دفعي ڪيس فون تي مون چيو بہ هو: ’شيام دادا! اوهان جڏهن بہ سنڌ ايندو تہ مان توهان جي چرنن مان اُٺندس ئي ڪونہ.‘ تڏهن گلو گير آواز ۾ چيو هئائين: ’منهنجا راجا، منهنجا شهزادا، تنهنجي جاءِ منهنجي چرنن ۾ نہ منهنجي اکين ۾ آهي. پنهنجي پيرن ۾ توکي آءٌ ويهڻ ئي ڪونہ ڏيندس ۽ ڏسڻ سان ئي يڪدم اکين ۾ ويهاري ڇڏيندس.‘‘ ۽ مونکي ياد آهي، ستر واري ڏهاڪي ۾، ’دوست مدد علي سنڌيءَ جي گاڏي کاتي واري آشرم ۾‘، هنڌ ۾ ڇپيل ڪنهن سنڌي مئگزن ۾ سندس ڪهاڻي ’گريٽنگس‘ پڙهي هئي ۽ ڪن جو ئي تہ ٿي ويو هوس ۽ اُن کان پوءِ اَسي واري ڏهاڪي ۾ ڪاڪو هري موٽواڻي سنڌ ياترا تي ڀريون پيرو آيو، تہ مون هالا مان سڪ منجهان اجرڪ گهرائي، اُن هٿان شيام کي سوکڙي ڪري موڪلي هئي ۽ بس ترت ئي سندس ڀريون پريم پتر منهني نالي پهتو: ’’منهنجا شهزادا ! تنهنجي موڪليل اجرڪ هر روز اوڍيندو آهيان، جيڪا تو ڏئڊ(بابا) هري موٽواڻي هٿان موڪلي تنهنجا لک لک ٿورا ۽ شڪرانا نصير ! ۽ تازو بہ سال اڳہ مون پنهنجو شعري مجموعو پئي سهيڙيو ’’تي نہ سگهيس شاعر‘‘ تہ مسودو ’ڪونج‘ مئگزن جي ايڊريس تي ڪيس مهاڳ لاءِ موڪليو. تڏهن نند جويري مونکي فورن فون ڪري اطلاح ڏنو. ’تنهنجو شيام اڌرنگہ سبب ناچاڪ آهي نصير ! ۽ بس بئي ڏينهن صبوح جو خود شيام بہ ويل چيئر تي ويهي ممبئي مان پنهنجي فليٽ هيٺان پي.سي.او. فون ذريعي مونکي چيو پئي، شهزادا !، هي ’چيهو‘ صحت جي دوکي سبب، حال تہ علالت جي قيد ۾ بند آهي ۽ بس في الحال پين پنو ڪٽي منهنجي پاران اُن تي لکندو وڃ تہ ’’هڪ پل تون منهنجي حاتيءَ جو ڪپي وٺ هڪ پل مان بہ تنهنجي زندگيءَ جو ڄوري ڪريان. بيئي پل گڏجي، قربن ۾ پاڪر پري رقص ڪن، جهومن ۽ ڙين جو جام پي لکہ ڪروڙ ارب بڻجن...‘‘ ۽ شيام اڌرنگ ۾ ورتل آواز هبڪي هبڪي اهڙو ڪجهہ لکرائيندو پي ويو مونکي ۽ منهنجي اندر مان ڳو اُن لاءِ دعا هي لفظ پئي نڪتا، ’گاڊ بليس يو شيام دادا بليس يو گاڊ.‘

اصل ۾ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي ’گريٽنگس‘ کان پوءِ تہ هن ي هڪ هڪ ڪتاب کي ڳولهڻ شروع ڪيو. ۽ هو جئن چئبو آهي تہ ڳولهڻ سان

مون وانگر ڪو بيوقوف آ !

بجلي

آگر جيڏيون بيشمار مڇيون،
فيري انجڻ جي اسٽارٽ ٿيندي،

راحت

ڏينهن جو انڪيل
مڇيءَ جو ڪنڊو،
رات جو نڪتو آ
سپاٽي جي مڇيءَ لاءِ،
لائين ڪليئر آ،

پٽجيءَ جي اونده

اونداهي بار ۾
سڀ شراب
هڪ جهڙا ٿا لڳن
غفائون سڀ هڪ جهڙيون
شينهن ليڪن الڳ الڳ!

بنداس

ريتيءَ جي وستار ۾ هلندڙ
ڪارو ۽ بدزيبو
لاپرواهه ڪيڪڙو
چا ته سندس چال،
نه زندگي جي پرواهه
نه موت جو ڊپ
بنداس

بي خودي

گڏ هل
هٿ پڪڙي هل،
نه ته وسري ويندو، پڪ !
ته تون گڏ به آهين.

ساموندي جهاز جي دريءَ ما

پنيرڪي جي جاءِ
وشال ساموندي آلوڪ ۾
غئبي نوع ڪنيون ڄرڪندڙ
اڪيلو تارو
لڳي ٿو: نارائڻ شيام آهي.

ڪولينئم

سرسبز وشال کيت ۾،
اکيون ڀُوٽي بيٺل
سفيدي نندي ڍڳو،
رنگيل سڱن ۾ ٻڌل،
گهن گهن گهنگهرو
سنها سنها مڇر،
کي رکي سنگيت!

ديهانت کان پوءِ

۽ اڄ 22 مارچ 2009 ع مان پنهنجي ڪهاڻيڪار دوست راشديءَ جي ڳوٺ پير جهنڊي ڏانهن ويندي سندن ڪيلن واري باغ پئي لنگهيس جو موبائيل مان تاج جويو آواز اُڀريو، ’نصير ڏک جي خ پارت ۾ تنهنجو من پاوڪ ليکڪ شيام جسنگهاڻي ديهانت ڪر اٿيئي...‘ بس اُنهن ئي پيرن تي شوڪت شوري جو اهڙو ئي ايس.اي پهتو ۽ ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن دوست موهن مدهوش فون ڪيو: ’نص شيام‘ جي ديهانت جي خبر سنڌ تي پهتي. سوچيندو رهيس ته ڪنه

هن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. ۽ هو بمبئي ’چئمبور‘ پنهنجي اڪيلي پرٽيل نياڻيءَ سان گڏ رهندو هو، ۽ جيستائين هو صحتمند رهيو. ڪرن ڀاڀي جي وڇوڙي کان پوءِ هن پاڻ کي ڏيهه پرڏيهه جي سياحتن ۾ پئي ئي وندرايو شيام سان موبائيل فون تي منهنجي آخري ڪڇهري اپريل ٢٠٠٧ع جي شام وقت، ڪراچيءَ جي علائقن حسن اسڪوئر واري فلاءِ اوور وٽان لنگهندي ٿي هئي.

اُن وقت آءٌ پنهنجي دوست موهن مدهوش سان گڏ آفيس وڃڻ ۾ ڪراچي آرٽس ڪائونسل ڏانهن وڃي رهيو هوس. مون ٻڌو، هُن جي آواز ۾ اڌرنگ جي شدت سبب شديد هٻڪ هئي. چيائين پئي،”منهنجا راجا ! آءٌ ڳالهائي نٿو سگهان تون ڳالهاءِ پنهنجو آواز ٻڌرائيندو رهه جو تنهنجي معصوم آواز سان منهنجي حياتيءَ جا پل پهر ۽ ڏينهن وڏن پيا ۽ اُهو اپريل جو مهينو هو ۽ ٺيڪ يارنهن مهنن کان پوءِ هن بهار رُت ۾ جڏهن هر طرف گُلن ڦُلن ٽڙڻ جي موسم آهي، شيام جي وڇوڙي جو اطلاع مون تائين پهتو آهي ۽ شيام جئسنگهاڻي جنهن مون کي پنهنجي نالي سان مخاطب ٿيڻ بدران سدائين سڏيو، ’او منهنجا راجا.. او منهنجا شهزادا‘ تڏهن سوچان پيو، آءٌ پنهنجي شن پريتوان ليکڪ ۽ عظيم دوست لاءِ هتي لکان، ته ڇا؟ ڪيس پيڙا پيش ڪريان ته کهڙن شبدن ۽ لفظن ۾ ! جو مون وٽ هن کي شايان شان انداز ۾ ڏيڻ لاءِ آهي ئي ڇا؟ ها، اَڄڪلهه ٽنبي نوڙهي ۾ مون غريب جو هڪڙو گهرڙو ضرور نهي پيو ۽ ان ڏس ۾ او منهنجا ڪاڪا.... او منهنجا دادا شيام توهان جي روح ۽ ياد سان آءٌ پڪو واعدو ٿو ڪريان ته منهنجو اهو گهر جڏهن نهي راس ٿيندو ۽ اُن گهر ۾ جتي منهنجو پينگهو، رائيٽنگ ٽيبل ۽ بوڪ شيلف رکيا ويندا، اُن جي ديوار تي آءٌ صرف توهان جي ئي تصوير لڳائيندس ۽ اُن روم جي دروازي مٿان جي ڪجهه لکيل هوندو ته صرف ايترو”شيام جئسنگهاڻي لائبريري“

◇◇◇◇

• ’شيام دا‘، جي سوڳ ۾ دل جي ڏکهي خاموشي نصير مرزا

پنهنجي Beloved پتنيءَ ڪرن ڀاڀي جي ديهانت تي پنهنجي ناٽڪن جي مجموعي ’زلزلو‘ جي ارپنا ۾ هُن لکيو هو: ناٽڪ اڄاجاري هئو جو تو پردا ڪيرائي ڇڏيا ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جي زندگيءَ ۾ اِها واحد هستي ڪرن ڀاڀي ئي ته هئي جنهن هُن کي دنيا جي ڏُکن کان پنهنجي پيار جي پناهن ۾ لڪائي رکيو هئو ۽ شيام دادا ۽ ڪرن ڀاڀيءَ جو، هي ته ڪو انوکو ئي

ڏٺي تعالي به مليو وڃي، هيءَ ته شيام جا ڪي ٿورا ڪتاب هئا. اسي و
ڏهاڪي ۾ دادا لڇمڻ ڪومل سنڌ آيو ته شيام جي نثري نظمن جو ڪ
'وڇوٽيون' اُن مونکي گفٽ ڪيو. سندس ناول 'ڪاهيءَ جي چوڌاري' مون
طارق اشرف صاحب تحفي طور ڏنو. ڪهاڻين جو مجموعو 'ڪچا ڌا
''ننگو آسمان''، ''ٽونگو''، پنهنجي ڪنهن بي سنڌ ياترا جي دوران
هري موٽواڻي مونکي ڏيئي ويو. سندس نثري نظمن جو ٻيو مجموعو ''گو
منظر''، ١٩٩٢ع ڌاري ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب، پنهنجي ''سرمد
گهر'' خيرپور واري لائبرريءَ مان ڪڍي، مون کي هئين لکي ڏنو ته '
ڪتاب سنڌ جي شيام جئسنگهاڻيءَ نصير مرزا لاءِ سڪ مان ۽ سندس
شعري مجموعو ''منهنجي ممبئي'' ٿورو وقت ٿيو ته دوست رڪيل مو
مونکي ڏنو ۽ هت اها ڳالهه به آهي ته ڪيئن وساريان ته دادا هري جڏ
جڏهن به سنڌ آيو ۽ مون سان مليو . هن منهنجي پيشاني تي هر دفعي چ
ڏيئي چيو هيو ''هي منهنجي پاران نه پر تنهنجي دادا شيام جئسنگهاڻي
پاران اٿيئي ۽ ڀارت ۾ مونکي خبر آهي هوُ ويجهي ۾ ويجهو هيو ته اُ
دادا هريءَ جي ئي ته هو.'' جنهن پنهنجي فلم 'هوجمالو' جو اسس
ڊئريڪٽر طور ڪري رکيو. اُن فلم جو هدايتڪار هو راجن چاولا ۽ فلم
هيروئن هئي راجن چاولا جي زال شريمتي گيتا راج ۽ ڇا ته دلفريب خ
رهي هوندي! شيخ اياز صاحب پنهنجو خوبصورت ترين ۽ عظيم ترين ش
مجموعو ''وڄون وسڻ آئيون''هن کي ارپي ڇڏيو هو. شيام جئسنگهاڻي
منفرد ۽ جديد ترين نثري نظمن جي بي پناهه واکاڻ ته خود شيخ
صاحب به هنڌ هنڌ ڪئي آهي. اهڙا ڪجهه نثري نظم منهنجي اصرا
هن هڪ دفعي مونکي فون تي به ٻڌايا هئاءِ ڪانئس اُهي ٻڌي اُنهن کان
ڏاڍو متاثر ٿيو هوس.

۽ هي ته هئي شيام جي جدت پسند شخصيت جي مون هڪ
ننڍڙي جهلڪ ڏيکاري آهي، پر گڏو گڏ منهنجي اها به دعوا آهي ته ج
هاڻي سرحد پار موهن ڪلپنا ناهي، گنو سامتاڻي ڪونهي تڏهن هن
تخليقي نثر نگارن ۾ شيام جئسنگهاڻي کان پوءِ ڀارت ۾ يا ته لڇمڻ ڪ
وڃي بچيو آهي يا وڌ ۾ وڌ اڪيلو داٺو آنند کيماڻي!

۽ جيئن پهريون به مون ڄاڻايو آهي ته شيام جئسنگهاڻيءَ جو
١٩٢٧ع ڌاري ڪوئٽيا بلوچستان ۾ ٿيو هو ۽ ورهاڱي وقت هن اُتا
مائيگريشن اختيار ڪئي هئي سندس گهر واري ''ڪرن پايي'' کي سا

گمان ۾ به ڪونه هئو ته آئون جئن هنن جي ويجهو آهيان ته هوُ به مونکي ايئن ئي ويجهو اچي ويندا ۽ هتي اهو به سچ تو لکان ته مون ڪڏهن تصور ۾ به ڪون سوچيو هئو ته شيخ اياز صاحب سان آئون ايڏو ته فري ٿي ويندس، جو ھُن کي ٻارن وانگر ڀاڪر پائي سگھندس يا ھُن جي سامھون کِل ئي کِل ۾ ھُن جي قميص جو دامن ڪٽي اکين تي پيو رکندس يا هو گذاري ويندو ته ھُن جي عظيم وجود کي لحد ۾ ليٽائڻ لاءِ منهنجي ئي هٿن جو لمس نصيب ٿيندو ۽ ھُن جي مبارڪ چهري کي 'قبله رو' ڪرڻ جي مونکي ئي سعادت حاصل ٿيندي... ۽ مون کي ياد آهي. چاچا نادر بيگ مرزا جي ڌيءَ ۽ پنهنجي فرسٽ ڪزن، شيرين فيروز نانا سان، سندس جوانيءَ ۾ آئون ڪڏهن به ڪونه مليو هوس. ۽ جنهن وقت 1992 ڌاري هن سان وچي مليو هوس ته ھُوءَ اسي ورهين جي هڪ شاندار ۽ خوبصورت بزرگ خاتون هئي ۽ بس لهو به عجب اتفاق هو جو جنهن وقت اسين مليا هئاسين تڏهن هڪدم هڪ ٻئي جا گهاٽا گهرا دوست ئي ته بڻجي ويا هئاسين. هڪ دفعي چيائين، بابا! مري وڃان ته، قبر ۾ لاهڻ وقت، شاهه لطيف جا بيت تون ئي پڙهجانءِ ۽ 3 جنوري 1993 تي جنهن وقت هو 'بلند شاهه' جيقبرستان ۾ لحد ۾ لاٿي پئي وئي. مون وڏي وڏي آواز سان ھُن جي وصعيت تي عمل پئي ڪيو ۽ مونکي ياد آهي مارچ 2006 ع ۾ علي الصبح شيام دا.... فون تي مونکي چيو پئي...سنڌ اچان پيو ۽ ڪي ڏينهن تو وٽ به اچي رهندس تڏهن چيومانس اِهي سڀ ڏينهن توهان جا منهنجي گهر ۾ نه اکين ۾ رهندؤ ۽ آئون اوهان جي چرنن ۾ ! ۽ منهنجا اِهي شبد ٻڌي ھُن رڙ ڪندي وراڻيو....'نه'....'نه' منهنجا راجا... منهنجا شهزادا ! تنهنجي جاءِ ته منهنجي چرنن ۾ نه منهنجي اکين ۾ آهي ۽ آئون توکي اکين ۾ ويهاري پنهنجي گهر بمبئي وٺي ايندس.. ۽ فون تي ڳالهائيندي شيام جئسنگهاڻيءَ جي آواز ۾ اڪثر هيءَ اُداسي به ڪيڏي نه پئي مون کي محسوس ٿيندي هئي. ممڪن آهي ڪِرن ڀائي جي حياتيءَ ۾ هن جو آواز متان اهڙو نه هجي پر مون جڏهن جڏهن سرئين پار کان ھُن جوآواز فون تي ٻڌو لڳندو هئم ڪٿان ڪنهن انب جي وڻ تان ڪنهن ويراڳي ڪويل جي ندا پيو ٻڌان ۽ توڻي جو نثر يا نظم ۾ ھُو تنهائي ذهين وڏي مطالعي ۽ مشاهدي وارو ۽ جديد سينسبليٽيءَ جو صاحب هو پر اُن جي اُبتڙ پنهنجي ٽيليفونڪ ٽاڪ ۾ ھُو الائي چو مون کي ڏاڍو سادو ٻاجهو معصوم ۽ دنيا جو اڪيلو ترين انسان پيو پاسندو هو اصل ۾ شيام جئسنگهاڻي جي شخصي ذهانت کي جڏي ڪري آئون به ته ائين ئي لڳندو

عشق هو: بي پناهه ۽ اٿاهه ساگر جيڏو جنهن آرٽسٽک سوچ رکندڙ، روا
تخليق جي ڪڙڪيڙن راهن تي پلڪندڙ ۽ لمحي لمحي ۾ پاڻ وڃائي وهن
شيام کي پنهنجي وجود ۾ ٽائنڪيو ڪري ڇڏيو ۽ هن جي مٿان ڪرن پا
جي اها ڇانو ١٩٩٢ ۾ اوچتو هٽي جو ويئي ته انگور جي شاخ مرجهائي ويئي
اسان جو شيام جئسنگهاڻي اگهاڙي سج جي تپش هينان اچي ويو ۽ اُس
لوساڻيندڙ گل جيان ڪومائجي ويو ۽ هڪ عورت جيڪا هُن جي ڪرچ
ڪرچيون وجود کي ميڙي سگهندي هئي اوچتو هُن کي تيز هوا ۾ ڪن
ڪاڳر وانگر اڪيلو ڇڏي هئي پار هلي ويئي ۽ سال ١٩٩٢ ۾ جڏهن اُنهن
پيار ڪندڙن پنڇين وچ ۾ وڇوڙو پئجي ويو تڏهن اُن ئي سال مون کي
آهي. هُن جي شعري جو مجموعو ''گوئاني منظر'' پڙهڻ ڪان پوءِ، مون هن
محبت ۽ حجت مان خط لکيو هو آءِ لو يو شيام دا ۽ اگرچه اُن وقت مون
هُن ، اُن خط جو جواب ڪونه ڏنو هو پر مون تصور ئي تصور ۾ هڪ ڏينه
ڪنهن شانت لمحي ۾، هُن جو آواز هئي پار ڪان ڪنائي ورتو هو: 'نصير
بيلوڊ سَن ! آءِ لوَ يو ٿُو.'

اڃا ڪنهن به ٻوليءَ ۾ نثري نظم جي شاعريءَ جو، آئون ڪو
قائل ڪونه آهيان، جو بهر حال اِها صنف مونکي شاعري نه، نثر ئي لڳن
آهي. پر هي ''گوئاني منظر'' واري شيام جئسنگهاڻي کي نثري شاعر
الائي ڇو مون کي ڏاڍو اُتساهه ڏنو هوءِ اُن ڪان پوءِ ته جهڙوڪر، آئون به اِن
رنگ ۾ رڱجندو پئي ويس. ۽ مون پنهنجا نثري نظم: 'تنوير عباسي'
'دردانه جي نالي، '' ' امر جليل جي نانءِ'... 'بيدل فقير جو ميلو'...'توئر
گائيڊ' ۽ ٻيا به ڪيئي نظم، شيام جي ئي ته رنگ ۾ ۽ بس ڪنهن ترنگ
لکندو ويو هوس. ظاهر آهي شيام... شيام هئو گريٽ پوئٽ...گريٽ آرٽس
هيڏانهن آئون ناچيز... هُن جي پيرَ جي پاڇولي ڪان به قد ۾ ننڍو،
پتڪڙو ماڻهو ۽ شاعر.....

۽ يا الله هي منهنجي ڀاڳ سڀاڳ ته ڏسو.... جو سندس پيرَ
پاڇولي ڪان ننڍي شاعر، نصير کي شيام جئسنگهاڻي باقائدهه بمبئي م
فقط فون ڪرڻ پر خط لکڻ به شروع ڪري ڏنا هئا ۽ شيام جئسنگهاڻي
يا هيءَ ادي بيبي يعنيِ مسز فيروز نانا (ڏيءَ نادر بيگه مرزا) شيخ ا
انهن عظيم ۽ پاڻ ڪان تمام وڏين هستين، جن سان مونکي شديد پيار
عجب اتفاق هو به مونکي پيار ڪرڻ لڳا هئا ۽ اهو ته ڪڏهن منهنجي و

نظر جي خوبصورت فريم واري عينڪ، ڪلين شيو رهندڙ چهري تي هڪ ڏينهن جي وڏيل اَڇڙي اَڇڙي ڏاڙهي، ننڍڙو پر وٽندڙ قدُ، سچ ته مون سندس عمر جا ايترا سُهڻا ماڻهو گهٽ ڏِٺا آهن. دَرڪوليندي ئي هُن نالو وني پاڪُر ۾ پري ورتو جو ڪيس اڳوات ئي خبر هئي ته اسان اَچڻا آهيون ۽ ممبئي ۾ اَسانجو وڏيءَ دِل جو ڏٽي ۽ گهرَن خيالن وارا شعر لکندڙ ني ميزبان دوست نند جويري، شوڪت شورو ۽ هيرو نکر ونس اڳ ئي پُهتل هئا. شيام ۽ مان نه اڳ ۾ ڪڏهن مليا هئاسين، نه هڪ ٻئي کي خط لکيو هيوسين. نه ئي ڪڏهن فون تي رابطو ٿيو هو، پر ڪهڙو فرق ٿي پيو؟ پهريون پيرو لڳو ته هي رشتا ۽ ناتا، انهن شين ۽ حوالن جا محتاج نه هوندا. شيام ۽ سندس سار سنڀال لهندڙ ننڍو ڀاءُ (جنهن کي ڀاڄَ سنڀال جي ضرورت هئي) ئي رڳو اُن پراڻي فلئٽ جا رهواسي هئا، يا وري پُراڻيون پيل شيون- ۽ ها پراڻيون يادون بہ. اَڪيلائي ماڻهوءَ کان سڀ ڪجهہ کسي وٺندي آهي. پر هوءَ شيام کان سگهارو تخليقي، ذهن ۽ چهري جي معصوم خوبصورت مُرڪ کسي نہ سگهي هئي.

شيام جئسنگهاڻي سنڌيءَ جو ذهين ڪهاڻيڪار ۽ ''ممبئي منهنجي'' جهڙي طاقتور شعري ڪرشمي جو خالق هيو وقت ڪائنش گهڻو ڪجهہ کسيو هيو پر سڀ کان اَهم ۽ قيمتي ڪسيل شيءِ، سندس محبوب پتني هئي. جنهن سان کيس عشق هيو. ڪمري جي ديوار تي ٻنهي جي هڪ وڏي شاهڪار بلئڪ اينڊ وائيٽ تصوير لڳل هئي.، اُها تصويرَ ايڏي وٽندڙ هئي، جو مون پنهنجي ڊجيٽل ڪئميرا سان اُن محل ئي اُن تان تصويرَ ڪڍي ورتي هئي.

شيام ''ممبئي منهنجي'' ۾هڪ هنڌ لکيو هيو:

''گونگي فلم جادو، بولتي فلم جادو،
موسقي جادو، منظر جادو،
محبت جادو، محبوب جادو ئي جادو.''

۽ جادو هُن وٽ نہ رهيو هيو، شيامَ جي جان بہ اُن جادوءَ جي اَثر هيٺ هئي، جيڪو کيس جيئرو رکندو پئي آيو. جادو نہ رهيو تہ جان ڪٿان رهي ها؟

ان ڏينهن جڏهن اها ڏُکدائڪ خبر ملي تہ، شيام جئسنگهاڻيءَ جهڙو خوبصورت ماڻهو، خوبصورت تخليقڪار اسان ۾ نہ رهيو آهي، تہ مونکي ڏاڍو ياد آيو ۽ وري وري ياد آيو ۽ تڏهن اهو بہ ياد آيو، تہ، جڏهن هُن جل ٿل ڪين سان پنهنجي ۽ ڀاڀي جي تصويرَ جو پَس منظر ٻڌايو پئي، جان تہ هُن ۾ اُن محل بہ ڪٿي هئي !!؟

◇◇◇◇

آهيان پنهنجو پاڻ کي! اِنکري فون تي جڏهن جڏهن بہ شيام مون
ڳالهايو لڳندو هئم، پنهنجو پاڻ سان ئي تہ پيو ڳالهايان. (آرسي آڏو بيه
هن سان ڳالهائيندي‌ڪڏهن لڳندو هوم تہ ڌرتيءَ گول ڦرڻ ڇڏي
آهي ۽ اسان ٻنهي جا آواز ڪنهن هڪ ٽٻڪي ۾ تبديل ٿي ويا آهن.

۽ 22 مارچ 2009 ع بمبئي مان حيدرآباد مون تائين جنهن صبوح
شيام جي ديهانت جي خبر پهتي تڏهن ان ٽٻڪي ۾ اوچتو ڇڻ پاٽ
پرجي ويو هو ۽ مونکي ياد آهي ان خبر ٻڌڻ وقت آئون هالا کان پير جهن
ڏانهن ويندڙ رستي تي هوس ۽ دوست عبيد راشديءَ جي نياڻيءَ جي شاد
۾ وڃي رهيو هوس. تڏهن پنهنجي موبائيل جي اسڪرين تي اڀري اي
پاڻيان واري ٽٻڪي ۾ اوچتو پنهنجو قلم ٻوڙي اُداسيءَ مان مون شيام
نالو ڪنهن وقت هوا ۾ اُڏرندڙ ڪنهن جِهرڪي جي پَر تي لکيو، تہ ڪ
وقت وري دور کان ايندڙ ڪويل جي اُداس آواز تي ۽ پوءِ ان سفر تان موٽ
محل- ’شيام دا ! توهان جي وصال جي سوڳ ۾ صرف ڪي پنج ست م
ئي تہ مون کي ياد آهن ۽ مون دير تائين طويل خاموشي اختيار ڪئي ه
.... طويل ۽ سمونڊي جيڏي بي پايان ۽ بيڪران خاموشي! ۽ بيڪران خام
جي ان ڏکي عرصي ۾ سچ ٿو ٻڌايانوَ تہ منهنجي ذهن ۾ ٻيو ڪجهہ
ڪوئي بہ ڪونہ هئو، سواءِ توهان جي! جي ها ! ’شيام دا‘ سائين! ذهن ۾
توهانجي ڪوئي بہ ڪونہ هئو پيو.....

06.2009)

◇◇◇◇

• شامَ هري ويو شيام آيا

ڪنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ ’پهريون پيرو ملڻ سان ئي راءِ قائم
کان سدائين گهبرايو اَٿم، پر ساڻس ملندي ئي، هو گهڻو جاتل سُڃا
پنهنجو پنهنجو لڳو. مُسڪرائيندڙ چهري وارو، نفيس ۽ صاف دِل م
ٻنهہ پنهنجو شيام جئسنگهاڻي.

٢٢ مارچ ٢٠٠٨ واري اُن يادگار ڏينهن تي جڏهن واشي (نيو مم
مان ٿي سڪر وارو دوست هريچند مونکي ۽ تاج جويي کي، ممبئي ۾ اُن
بلڊنگ ٻاهران ڇڏي موڪلائي ويو (جنهن ۾ شيام جو فليٽ هيو)
اونداهيون ڏاڪڻيون چڙهندي مون سندس باري ۾ عجيب عجيب
پئي سوچيو سندس شخصيت، گهر ۽ ورتاءَ بابت - دَرُ شيام ئي کوليو.
اَڇي چيڪ ٿي ٽرائوزر مٿان، اَڇي رنگ واري ٽي شرٽ، چمڪندڙ اکي

منهنجي آوارهگي-١ ها، منهنجو بابو بلڪل صحيح هو. مون آوارهگيءَ ڪان سواءِ ڪيو ئي ڇا هو(؟) ۽ منهنجي آوارهگي هو ڇا روڪي سگهيو هو؟ مان ننڍپڻ کان ئي سڀاءُ جو نهايت ضدي، ٻي چيو بند هوس، ماءُ پيءُ جو ڪجھ بہ نہ مڃي، اڪثر پنهنجي هوڏ هلائڻ هڪ طرح منهنجي عادت بڻجي چڪي هئي. اهو رخ، ۽ اها ڇڪتاڻ منهنجيءَ سموري زندگيءَ ۾ هلندي آئي آهي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ مونکي ان قسم جي هلت سبب، پنهنجي هر خواهش جي بدولت ان طرح حاصل ڪيل هر پل جي ڳهرج ڪان وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻي پيئي اٿم ۽ ان لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ قسم جو افسوس محسوس نہ ڪيو اٿم.

منهنجو پيءُ اندر ئي اندر بيحد نرم ليڪن ٻاهران نهايت ئي سخت ۽ آدرشي، انتظام پسند، ڊارمڪ ۽ پراڻن خيالن وارو تعليم يافتہ شخص هو ۽ مان شروع ڪان بہ گهيري ۾ نہ ٻڌجندڙ، اوشواسي، هوڏي، ربيل رهيو آهيان، جنهن ڪي هوُ (منهنجو پيءُ) آخر تائين من ئي من ۾ پيار ڪندي بہ سيني سان نہ لڳائي سگهيو.

ان اڌ رات جڏهن رات سڏجندڙ هڪ پهر نالي ماتر وڃي باقي بچيو هو، منهنجي بابي مونکي بلڪل ڪليل لفظن ۾ چيو تہ مان جاڻي واڻي بڻجندڙ قصي ڪي ٽارڻ لاءِ اڪلون آزمائي رهيو آهيان مثلن واسطيدار ڏرين ڪي گهٽ آمدني ٻڌائڻ، ڪنهن سان بہ نيڪ طرح پيش نہ اچڻ، اڻنگا جواب ڏيڻ، تيڏين اڪين سان نهارڻ وغيره جهڙيون ٻي بجاءِ حرڪتون ڪري نهندڙ معاملي ڪي ڊانوان ڊول ڪري ٿو ڇڏيان.

”اهو سڀ ڪوڙ آهي !“

” مان توکي تنهنجي جمڻ ڪان اڳ سڃاڻان !“

منهنجو سمورو بدن لڏي ويو.

اچانڪ اُن پل هڪ ڊپ من ڪي ويڙهي ويو تہ ڪٿي گهر جي ٻين ڀمرن ۾ سمهيل منهنجا ڀائر ڀينرون ان ڪمهلي وقت جاڳي نہ پون. ائين ڀيني ٻارن ۾ مان سڀني ڪان وڏو هوس ۽ ٻارن ۾ اڪيلو ئي مان هوس جنهن ڪي نصيب ۾ جمڻ ڪان ولي ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ تائين بابي جي مار نصيب

ٿيندو اڪثر ائين هو تہ موڪل جي ڏينهن يا محل ڪمهل ڪو اڻ
شخص يا اڻ ڄاڻ عورت گهر ۾ گهسي ايندا هئا ۽ مونکي بلڪل ئي عج
حالت ۾ پائيندا هئا. نيڪ طرح جو لباس تہ هرگز ئي نہ هوندو هو، ڏا
وڌيل، ڪپڙا تتر بتر، سوالن جا اُبتا سبتا جواب جيئن ظاهري طور ائين
تہ منهنجي ان معاملي ۾ ڪا بہ دلچسپي ناهي. نتيجي طور واپس موٽ
اُهو اوپرو شخص پاڻ سان منهنجو ڪوبہ اميج ڪٿي وڃڻ بجاءِ هڪ
(ڳجهارت) ڪٿي ويندا هئا. جنهن جي تهن ۾ منهنجي شرارتي تس
لڪل هوندي هئي تہ، ’في الحال تہ بري گهڙي ٽري ويئي، اڳيان هلي
ونبو. جيڪڏهن منهنجا مائٽ مونکي ان طرح بازارو چيز بڻائي رهيا آه
مان بہ ڪنهن بہ طرح سندن اها مراد پوري ٿيڻ نہ ڏيندس.
من ئي من ۾ اها خواهش هئي تہ اگر اهڙو ڪجهہ ٿيندو يا
پوندو تہ جيڪي ڪجهہ بہ ٿيندو تہ اهو ٻين جي مرضيءَ، ماءُ - پيءُ
مرضيءَ، سان نہ بلڪ منهنجي پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ پسنديءَ موجب اهو
سيني کي ڪري ڏيکاريندس، چاهي اهو ڪين قبول نہ بہ پوي.
ان زماني ۾، صبوح کان شام تائين مان آفيس جي ڪم ۾ م
رهندو هوس. شام بعد فري لانس فوٽوگرافي ڪندو هوس. جي.جي. اس
آف آرٽس مان مون فوٽوگرافيءَ جو ڪورس ڪيو هو ۽ ان ۾ فرسٽ ڪ
فرسٽ ڪٽي چڪو هوس. شروعات ۾ ارادو هوم تہ ان ڪيتر ۾ معياري ڪ
ڍنگ جو ڪم ڪندس. ليڪن ان طرح جي ائڊوينچرس جنهن ۾ ٻيل
ضايع ٿيو تڏهن لاچار ٿي ڪامرشل فوٽوگرافي شروع ڪري ڇڏيم. ان ۾
ڪامياب ويس. شاديون، پارٽيون، جنم ڏن وغيره جلسن ۽ محفلن ۾
ڪيندو هوس. اڪثر اڌ رات تائين مان وڏين هوٽلن ۾ دور دور هالن ۾
ڪيڻ ۾ رڌل رهندو هوس. ڪٽي بہ ساهيءَ پٽڻ جي حاشي نہ ملندي هئي
ئي رات جونيڪ طرح جي آرام بخش نند. ڪم ايترو ملندو هو جو اڪيل
ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر هوندو هو. پوءِ بہ جيترو ڪري سگهندو
اڪيلي سر ئي ڪندو هوس ان اڪيلائيءَ ۾ بہ آزاديءَ جو احساس هو.
هڪ رات، نہ بلڪ هڪ اڌ رات، جهو ٻيهہ جي فائيو اسٽار هوٽ
ڪنهن ڪاڪ ٽيل پارٽيءَ جا فوٽوز ڪڍي مان واپس گهر پهتس تہ ڏٺ
منهنجي انتظار ۾ ان وقت تائين جاڳي رهيو هو ۽ بيحد ٿامٽيل چهرو
ويٺو هو. دير سان موٽڻ جو سبب بہ دستوري طور ڪيس ٻڌائڻو پيو جي
فوٽوگرافي جي بئگ منهنجي ڪلهي ۾ باقاعدي ٽنگيل هئي. سندس

ان رات، اڄ رات، منهنجي شادي ڪرڻ يا آناڪاني ڪرڻ واري معاملي کي وٺي غصي ۾ اچي منهنجي بابي اهڙو ڪجهه چيو جو صبح تائين باقي رهيل مختصر پهر ۾ مان سندس لفظن جي پڙاڏي ۾ وڪوڙيجي بستري بجاءِ پٽ تي مان لڳاتار ڦٿڪندو رهيس ۽ ظاهري طور نظر نه ايندڙ منهنجي زخمن جو خون منهنجي اندر بوند بوند ٿي سِمندو رهيو.

هوش اَچڻ کان وٺي اُن پيءُ سڏائيندڙ شخص جا سڀ ظلم سٺا آهن. نيم سان هر روز سخت مار کائي، هڏ گڏ پيچائي به مون ساڻس اڪ اڪ ۾ ڪڏهن به ڪو به سوال جواب ڪونه ڪيو. آخر هو پاڻ کي ڇا ٿو سمجهي؟ شادي مونکي ڪرڻي آهي، مان مرد آهيان، سڀاڻي مونکي عورت کپي پر ناڪاميءَ جو درد اڄان منهنجي سيني ۾ ڏيرو ڪيو ويٺو آهي. هو از هي آئفٽر آل؟ مان بي روزگار به ناهيان؟ روٽي، لٽي ۽ اجهي سان گڏوگڏ هوءُ صرف مونکي ڇو ٿو ان طرح سان ماري ڪٽي؟

مونکي ان وقت بابي جو صرف نفي عڪس نظر اچي رهيو هو، پاڻ طرف، پنهنجين نادانين ۽ لاپرواهيءَ ۾ ليئو پائڻ ئي ياد نه رهيو هو. ياد هوم ملڪ جي ورهاڱي وقت وارو هڪ واقع: اسانجي شهر ڪوئٽيا (بلوچستان) ۾ هندو مسلم فساد سنڌ کان گهڻو اڳه شروع ٿي ويا هئا.آگست ۱۹۴۷ ۾ هندستان کي گورن فرنگين جي حڪومت آزادي ملڻ کان شرع ئي ڪوئٽيا ۾ هندن، جو، خاص طور زالن ۽ ٻارن جو قتل -ي-عام شروع ٿي ويو هو تڏهن سانجو ڪٽنب به ان ڪوڙڪي ۾ ڦاٿو هو ۽ عين وقت تي مليٽري فوجي ترڪون ڪٽي اسانجي مدد لاءِ اچي پهتا هئا. سڀ کان پهرين انهن ۾ ترت زالن ۽ ٻارن کي گهرن مان سلامت ڪڍي پنهنجن ترڪن ۾ چاڙهي ميلٽري چانوٽي ۾ پهچائي ڪين خطري کان ٻاهر محفوظ رکيو. مرد پٺيان رهجي ويا هئا ۽ مليٽري فوج کان وڌيڪ فسادين جي تعداد ۾ وڌي گهٽائي سبب مردن جي سلامتيءَ جي ڪا به پڪ نه هئي. فوجيءَ چانوٽيءَ جي هڪ ٻئرڪ مان ماءُ، ۽ ڀينرن جي گهيري مان ڪسڪي مان ٻاهر اُن چانوٽيءَ کي پنهنجي اُن بي کي ڳولهڻ لاءِ نڪري پيو هوس.

دادا...دادا .....

فوجي ترڪون ۾ جيون تيزيءَ سان مٽيءَ جا واچوڙا اُڏائيندي اچي - ي رهيون هيون ۽ اُنهن واچوڙن ۾ اندرگهسندي ۽ اُنهن مان ٻاهر ڪرندي آخر هڪ فوجي ترڪ مان هيٺ ٽپ ڏيئي لهندي مون پنهنجي ي کي ڳولهي سندس شرٽ جي ڪنڌ مضبوط جهلي هئي ۽ هن بنا دير

تي. شايد ان حقيقت سبب ئي منهنجي من ۾ گناھ جو احساس گھڻو رھ
آهي. اهو اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهي. سپاٽي بہ رهندو، جھجھي انداز
رهندو،بلڪل جاپانين جيان، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ننڍين غلط
ڪي گناھ سمجھي ان بوجھ کان نجات پائڻ لاءِ harakiri پنهنجو پي
چيري آتم هتيا ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندا آهن.

بابي جي سامهون ڪابہ دليلبازي ڪرڻ بي سود هو ڇو تہ مونکي
بخوبي ڄاڻ هئي تہ ساڻس اگر ٿورو بہ وڌيڪ بحث ڪندس تہ نہ صرف گ
جا ڀاتي جاڳي پوندا بلڪ بنا دير بابو وھلور وجي منهنجي بي عزتي ڪ
شروع ڪندو ۽ سندس اها نس نس ڪي چيريندڙ آيام منحنجي برداش
ڪرڻ جون حدون ٽڪڙ ۾ پار ڪري ويندي، گڏوگڏ منهنجي من جي هر ڪ
چلجي، ڦٽجي رتورت ٿي ويندي. انڪري بابي جي اُن ٻرندڙ غصي جي ٻ
جي هر لهس جهيلڻ لاءِ من ئي من تيار ٿي ويس ننڍپڻ ۾ ماءُ اڳوات ۾ آگ
ڪندي هئي تہ فلاڻي ڪ فلاڻي حرڪت بدولت بابي جي مار کائڻي پوند
اهڙن موقعن تي مان طئہ ڪري ولندو هوس تہ ڪندس اهو ئي جيڪي ڪه
۽ جيئن ڪرڻو اٿم پوءِ ڀل بابو جيڪي چاهي، جيئن چاهي، ڪري وني
لاهي لاهي بہ چمڙي لاهيندو نہ، قبول اٿم.

منهنجي بابي وٽ منهنجي پوريءَ طرح بالغ ٿيڻ کان اڳہ
منهنجي فرضن ۽ جوابدارين جي هڪ لنبي فهرست هئيڪي موجود هون
هئي. منهنجي غفلت ۽ بي جوابدارين جو چنو بہ وٽس سدا هڪيو ت
حاضر رهندو هو. نہ اُنهن ۾ سمورو سچ هوندو ۽ نہ ئي سمورو ڪوڙ. ٿ
ڪجھ سچ کان سواءِ انهن ۾ باقي ڪجھ سڀ بابي طرفان منهنجي ج
کان زمان حال تائين مون مان چاهيل 'ايڪسپيڪٽيشنس' ئي هوندا هئا.

پنهنجي جوابدارين طرف پنهنجيءَ بي رخيءَ کان مان واقف ٿ
هوس، ليڪن سپاويڪ طور ان عمر ۾ جوابدارين طرف سجاڳي گهٽ
بين‌الاسائن طرف جهڪاءُ هر انسان جو وڌيڪ رهندو آهي. صحيح ۽ غلط
چونڊ، پرک، شناخت اڳيان هلي گهڻو پوءِ پئدا ٿيندي آهي ۽ اهو وقت
هڪ طرح جي نشي جي دؤر جيان ايندو آهي ۽ هڪ ور ايندڙ سپني ج
سمرتين جي وشال ڦهلاءَ ۾ نم نم ڪندو رهندو آهي.

مونکي پنهنجي باري ۾ ڪابہ خوش فهمي نہ هئي. پنهن
نئرپٽي جي ڄاڻ هئم جيڪو ان حد تائين اوڊيل هو جو سامهون واري ڪي
سان پنهجو سر ٽڪرائڻ جي حد تائين نَيورانڪ بڻائي سگهيو ٿئي.

٢

پاڇن جو ڇيڇڻ

The mirror is samashed, but what do the splinters reflect ?
My Father and Mother certainly of vital Importance
because they created a world for me to revolt

- Ingmar Bergman

مهابليشور جي اسٽرابري ۽ راسبري ماحول ۾ رهندي هن هڪ ڳالهه
مون کي صاف صاف چئي هئي ته هتي جهنگل ۽ پهاڙي فضا ۾ رهندي جنهن
طرح هوءَ مونکي ’تون‘ يا ’ڳلو‘ پڪاري رهي هئي، گهر پهچڻ بعد ائين ان
طرح نه هلندو ۽ هوءَ مونکي ’توهان‘ ڪري سڏيندي. مان اڇرج ۾ پنڪچر
ٿيل ٽاير (ٽيوب) جيان پچڪي ويو هوس. واه دي هيل....سندس خيال موجب
انسان کي گڏيل ڪٽنب جي گهيري ۾ رهندي ڪن روايتن مريادائن کي مان
ڏيڻو پوندو، پالڻو پوندو.

مان گهر جي وڏي ننهن آهيان.

ائين ته مان گهر جو وڏو پٽ آهيان.

ليڪن مائٽن وٽ تنهنجو سٺو اميج ڪونهي.

ڪهڙو ٿو فرق پوي؟

فرق پوي ٿو. انڪري ئي ته رنجش ۾ ٿو گذارين.

تنهنجا ويچار دقيانوسي آهن. منهنجي بلڪل اُبتڙ ته ٻڌ، ڪجهه ته
عت ڪر.

چڱو، اڪيلائيءَ ۾ توکي سپاويڪ نموني پڪاريندس، ڳ.....

لهڪڙي ۾ مون سندس لپسٽڪ کي چاڪليٽ سمجهي کائي ڇڏيو.

مونکي ان وقت به پوشيه جي ڪڪ ۾ لڪل ظلمن جي لوڏ-لم جو آڀاس
ليڪن ان نشچنت لاَندڙ احساس کي في الحال ’مهمل ‘ جي ليبل لڳل
نگه ۾ دبائي من جي هڪ ڪنڊ ۾ لڪائي رکيو هوم. سڪون جا ڳڻ ڳڻيا
جيڪي اسانجي مقدر ۾ هئا، آيا هئا، وري ڪڏهن به نه اچڻ وارا لمحا
ي اڳيان هلي سکد سمرتيون بڻجڻ وارا هئا- اُهي اسانکي ڀرپور نموني

مونکي پنهنجي ڪسيل ٻانهن ۾ ڪٽي پنهنجي ڇاتيءَ تائين ڇڪي جڏ
چميو هو. مان روئڻ ۾ ڇڙڪيو هوس. سامت ۾ اچڻ بعد، مان ڪيس هٿ
پڪڙي ان ٻئرڪ طرف وٺي ويو هوس جتي ٻين ڪٽنبين سان گڏ اسان
ڪٽنب جا ڀاتي به ان پناهه‌گهر ۾ هئا. اسان سڀني ڀاتين جي اکين ۾
ئي وقت آنسن ترڻ شروع ڪيو هو.

اُن وقت مان ڏهن سالن جو هوس.

هن وقت مان ٽيهن کي پار ڪري چڪو آهيان.

آءِ ائم اي مئن نائو، ييس آءِ ڪئن ٽچ مائسيلف ائنڊ فيل اٽ....

وهاٽي جي گردسمهندي سمهندي پاسا ورائيندو رهيس ۽ ڏي
ڏيري سپني ۾ داخل ٿي ويس.

علاوديني جن جي ڦوڪيل سائين ۾ بابو سامهون ڪڙو هو. بار
اکيون ڦوٽاري ڇئي رهيو هو، ڏيکار... اگر تو وٽ آهي؟

مان بابي طرف نهارڻ بجاءِ پنهنجي ٽرائوزر جي کيسي ۾
وجهي جهي پڪ ڪري رهيو هوس: آهي...ها...آهي...آهي...بلڪل... آهي

هو مون طرف پير پير اڳيان اچي رهيو هو.

هي ول ڪئچ هولڊ آف مي ائنڊ ماءِ.......

مونکان رڙ نڪري ويئي: اڙي ناهي... ڪجهه به ناهي....

منهنجي ان رڙ سان ورياسي مئدان تان گهنڊ گهڙيال سڀ گم ٿي وي

منهنجون اکيون کليل هيون ۽ سمورو بدن‌پسيني ۾ شل هو. مون
سچ پچ رڙ ڪئي هئي، اهو فلمي سپنو هو، ورنه سمورو گهر اونده ۾ هو. ٿ
دير ۾ صبح جي روشني اچي سهڙي، اندر گهڙي مونکي جهيائين.

بي چئنيءَ جي هڪ ٻي رات آخر دم ٽوڙي رجي منهنجي ٽميل
جو رنگ پائي سورج ٻڻجي سمنڊ مان ٻاهر نڪري آئي. هڪ سپني مان نڪ
ٻئي سپني ۾ داخل ٿيڻو هو. مون زندگيءَ کي ان ئي روپ ۾ ڪنيو هو ۽ گ
مون اهو وساريو هو ته پنهنجي ڇاهيل ڍنگ سان جيئڻو هو.....

ها، رشتا ناتا زنده به رکندا آهن ته ماري ختم به ڪندا آهن.

رشتا دل جي ڌڙڪن به ٻڻجي ويندا آهن ته منصوبا به ٻڻ
سگهندا آهن.....

4

★★★

- اندر اگر ڪو ويٺو آهي تہ اهو بہ خالي آهي.
- نہ، من، نہ
- ها، من، ها
- تون نراس ڇو آهين؟
- تون آشاوادي ۽ پازيٽو آهين.

اُن رات ۽ اڌ رات جڏهن بابي اکيون ڦوٽاڙي اسان کي سندس گهر بنا ڪنهن دير ڇڏي وڃڻ لاءِ چيو تہ منهنجي من جو ترت رد عمل اهوئي هو تہ اُنهن سان منهنجا رشتا محض بندوبستي هئا يا سولن لفظن ۾ حسابي حساب هو.

ائين تہ ننڍپڻ کان ئي مون گهر ۾ گهٽ ۽ گهر کان ٻاهر وڌيڪ وقت گذاريو آهي. منهنجو ڪوبہ گهر ڪونهي ۽ گهر ۾ هئڻ وارو ٿائينڪيپٽي وارو احساس يا سڪون هن زندگيءَ ۾ ملڻ وارو ئي ڪونهي ۽ ان 'نہ ملڻ' واري احساس کي ئي سويڪاري حياتي ڪاٽي آهي.

مڪان ۽ گهر ۾ فرق مون نهايت ئي ننڍيءَ عمر ۾ ڄاڻي ورتو هو.

پنهنجي ٽئين ڪهاڻي مجموعي 'ميلن جو سفر'(1983)۾ Leduic violtte جي آتمڪٿا 'La Batarde' جو هڪ جملو ڪوٽيشن طور ڏنو هوم.

A furnished room in an apartment house is the final extension of a waiting room

ها، خانہ بدوشن جي زندگيءَ ۾ گهر نہ هوندو آهي، ٽڪاڻو بہ نہ هوندو هي، پليان نهارڻ بہ نہ هوندو آهي. اُتي صرف اڄ هوندو آهي، تازہ ترين ل هوندو آهي. اُن پل جي پيٽ ۾ پيل وٿندڙ - اڻ وٿندڙ، ڇاهيل - اڻ اهيل رنگ هوندو آهي. اُن پل کي ڇيري پائڻ، ماڻڻ، ماڻي اڳيان وڌي جي اُن پل کي وساري ٽئين جنم ورتل هئي پل ۾ جيئڻ هوندو آهي.

ها، مون مذاق جي هلڪن پلن ۾ پنهنجن ڪن دوستن کي اهوئي ي چيو آهي تہ: '' مٺي مون لاءِ هڪ نم جو سيتل وڻ تلي (هيٺان) هڪ ڇمي (کٽ) وڇايل آهي - ڇو تہ مون زندگيءَ ۾ هڪ رات بہ ٺيڪ طرح ننڊ ڪئي آهي اِنڪري منهنجي وشرام لاءِ اهو بندوبست ڪيل آهي. اُن وڻ سامهون هڪ بنا گوڙ شور وارو ڍابو بہ آهي جتي گرماگرم تندوري روٽي ۽ جو وٽو هر وقت وانهرن لاءِ هڪيو تڪيو موجود آهي. ٻہ يا ٽي روٽيون کائي ن لسيءَ جو گلاس پي، مونکي هڪ لنبي، بنا ڪنهن رکني واري ننڊ ملڻ خاطري آهي، منهنجي مرڻ بعد. نہ ڪير حڪم هلائڻ وارو ۽ نہ ئي ڪو يدار. مان صرف سمهندس.هٿ خالي هوندا - نہ ڪو سمپرڪ هوندو ۽ نہ

ماٺا هئا. زندگيءَ جي سياءَ کان مان واقف هوس، انکري انمان گهڻ
آسون اُميدون ڪڏهن به نه رکيون اٿم، تڏهن به نه رکيون هئم.
پهاڙن، ڍنڍن، وادين، بادلن جي ان مکت دنيا مان هفتي جي
پرسار بعد اسين واپس اُن دنيا ۾ پهتاسين جتي هوا مکت نه هئي، جتي
وشال نه هئا، جتي نيتي نه هئي، جتي شڪ شبيها هئا،... فرق هو...پيد پاو هو
منهنجي پيءَ کي چاڻ هئي ته مان اُن ماحول ۾ گهڻو وقت نه ر
سگهندس. گهر جي ڀاتين جو مون طرف، منهنجي شاديءَ بعد بدليل س
کهڙو به هو. ماءُ، ماءُ سان بيحد اٽيچڊ هوس. هوءَ تڏهن به مونکي بي
پياري هئي، اڄ به مونکي بي حد پياري آهي. پوءِ به اُن وقت ڀاڄا ڄڄڻ ه
ٿيا آهن، انجو آڀاس ٿيڻ شروع ٿيو هو. نفاق هو ته اهو روايتي طور سس - ننه
نران - ڀاڄائيءَ جي درميان نه هو. بس، سموري طوفان جي جڙ مان هوس.
اسانجي شاديءَ کي ٻه مهنا مس ٿيا هئا. اُن وقت سخت برسات
رهي هئي ۽ اُها رات جانا ڪڏهن به نه وساري سگهي. گهرو معاملن تي با
منهنجي وچ ۾ گڙٻڙ شروع ٿي. بابي سڌو سنواٽي صاف اکرن ۾ چيو ته ا
فورن گهر ڇڏي وڃون ۽ پنهنجو الڳ سنسار اڏيون.
اُن فيصلي ۾ ڪجهه غلط نه هو.
غلط اگر ڪجهه هو ته اهو منهنجي گاندو من جو جذباتي ڍانچو
منهنجي هوءَ روئڻ - ٻرڻ لڳي.
رات جي هڪ - ڏيڍ لڳي بابي جي ٽامٽيل ڇهري ۽ ٻاهر ريلا
وهندڙ برسات سان گڏوگڏ ڪنوڻ جي چمڪ سنديس من ۾ سدا لاءِ هڪ
عڪس ليکي ڇڏيو.
- تون زندگيءَ کي اکثر غلط ڪنڊ کان ڇو ٿو ڏسين؟
اسانجي مڱڻ بعد هڪ دفعو هن مونکان پڇيو هو. مون ڪيس جواب ۾ چيو
- مان ٺيڪ ٺيڪ ۽ ٺيڪ طرح ٿو ڏسان. زندگي ظالم آهي، ري من
- زندگي ملڙي آهي، منهنجا من. يو آر وري نيگيٽو !
- آءِ ٽوٽلي نيگيٽو اباٺوٽ دس بچ ! (لائيف)
- مونکي تنهنجا ويچار ڄاڻين افسوس ٿو ٿئي.
- زندگيءَ مان ڪابه اُميد نه رک، اهائي ڪٺور حقيقت آهي.
- تون ائين ڪيئن ٿو چئي سگهين؟
- ڇو ته زندگيءَ جي ڪوک ۾ ڪجهه به ڪونهي.
-پڪ اٿيئي؟

هئاسين. گهر وارن جو رخ ان طرح جو هو تہ: اوهين جيئو يا مرو، ڪنهن جو بہ ڪنهن سان، ان نسبت، ڪوبہ واسطو يا تعلق ڪونهي ! ..

اسين (مان) اهو آگرين تي ڳڻي جيترو سامان بہ کڻي سگهيا هئاسين (هوس)، اها غنيميت هئي جو تہ ان کان اڳہ رات بابو هڪ لوڪل چيمبوري وڪيل کي گهر وٺي آيو . اُهو ماءُ جو اَڌ وڪيل ٻاهران ڏسڻ ۾ تہ شانت پئي لڳو ليڪن الاجي ڇو، مونکي انجي موجودگي بي آرام ڪري رهي هئي، هوُ ڊاريو ڇوزو - ان ماءُ جي پٽ جو مونسان، اسان سان ڪهڙو تعلق هو؟ بابو ڪير هو منهنجو؟ جڏهن اسين گهر بہ ڇڏي رهيا هئاسين - قانون جو اسان سان، مونسان ڪهڙو واسطو هو؟ مون فيصلو ڪري ورتو، ان پل، ان گهڙيءَ، جنهن تي اڄ بہ مان قائم آهيان تہ مون وٽ، اسان ٻنهي وٽ ڪجهہ بہ هوندو تہ اهو ماءُ - پيءُ جي موڙيءَ يا جائداد جو حصو نہ هوندو. هڪ رومال بہ نہ، مٽيءَ جو ذرو بہ نہ. سندن چانو، سندن ڇاڇو بہ نہ هوندو اسان مٽان. اسين جيئرا رهنداسين تہ بيکہ مڱا تي نہ. اگر ان چيزي تي رهياسين تہ آتم - هتيا ئي ڪنداسين.

بابي اُن وڪيل کي هڪ طرح شاهد طور گهر اندر وٺي آيو هو. هن جي ضرورت هئي؟ بابي کي پڪ سان اهو وهم هو تہ هو سندس واقفڪار هو اها خاطري هو دوستاڻي ناتي پريندو ۽ نباهيندو. پر پوءِ خبر پيئي تہ اُن وڪيل بابو پنهنجي ڪرت سان مڪمل وفاداريءَ جو ناتو نباهيندي ان معمولي شاهديءَ، جنهن دوران هن پندرهن منٽ بابي سان ويهي چانهہ جو ڪوپ پيتو، عيوض بابي کان پنهنجي پروفيشنل في وصول ڪئي هئي.

مونکي اُن وقت بہ اها ڳالهہ هڪ فلم جي سين جيان لڳي هئي. جنهن ۾ ڪنهن پروفيشنل رنڊيءَ کي ڪنهن شاٽ لاءِ ڪجهہ پلن لاءِ ڪنهن ڪردار سان همبستر ٿيڻ جي ڍونگ، ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ۽ ان لاءِ هوءِ سموري ٽائيم کي پروفيشنل جي چارج (في) گهري ! اين. او !! مون لاءِ خوشيءَ جو معاملو اهو هو تہ اهو شخص منهنجو دوست نہ هو، بابي جو دوست هو ! ڳالهہ ...يس هم !!

وڪيل بابوءَ جو سنڪ (سامهون يا حاضريءَ ۾) جيڪي ٿيو يا ائين ...وان تہ جيڪي ڪجهہ بہ اسان کي اُتان کڻڻ لاءِ مليو، انجي لسٽ مون سفيد ...ي هينان ڪاربان پيپر رکي لکي ۽ هئي ڏينهن سامان کڻائڻ مهل اُن پنءِ ... پنهنجي صحي ڪري مکيہ ڪاپي بابي کي سونپيم. ائين ڪرڻو هو، ...وئي ڪيم.

ئي کو فڪر هوندو.

(گهر تڏهن به نه هوندو - روايتي سوچ طور جيت تڏهن به نه هوند
منهنجي مٿان نم جو وڻ ۽ نم جي وڻ مٿان آسمان هوندو. ٿي سگهي ٿو، م
۽ هيٺ - ٻنهي طرف آسمان ئي هجي. ڪوي ڪاليداس جي 'ميگهدوت'
ڪنهن ڪالپنڪ نظاري جيان. ڪڏهن ته اهو وقت ايندو جڏهن مان مڪ
شاعري ۾ هوندس، سمائجي ويندس.

بابي جڏهن سندس گهر ڇڏڻ لاءِ حڪم نامو ڪڍيو تڏهن زندگي
پهريون دفعو احساس ٿيو ته رشتا هڪ پل ۾ ٽٽي سگهندا آهن - ان ڪان
اهو به هوش آيم ته حقيقت ڪان ڪيڏو نه دور رهي مون سپني ۾ زندگي ڪ
آهي. مون وٽ بئنڪ اڪائونٽ ته هو ليڪن انهي ڪجهه ڪارگر بچت ه
ها ته فريڊرڪ هوٽيل ۾ هفتو رهڻ لاءِ پنهنجي نڪان ايف.ايم ڪئمير
وڪڻان ها. هيئنر اگر پاڻ کي وڪڻان ته ڪير ڇا ڏيندو، چار چٽا؟ منه
ڪوبه ملهه نه هو. بمبئي جي مهانگري ۾ مسواڙ تي جڳهه ملڻ ۽ ترت
ناممڪن ڪان به ڪافي ڪجهه دوري جو معاملو هو.

ليڪن هيءَ زمين عجوبن ڪان وانجهيل ڪانهي.

ڪليڪٽرس ڪالوني، چيمبور ۾ ئي هڪ مهربان شخص هو
ڪاراٽي جنهن جي هڪ جيتي مڪان ۾ نو باءِ نو فوٽ ماپ(9x9) وارو
سائيڊ روم هو، جنهن کي ٻاهر لاءِ الڳ لنگهه هو ۽ اندر باقي مڪان طرف
دروازو هو جنهن سان باٿ روم ۽ ٽائليٽ ۾ وڃي سگهجي. هن ڪمرو
قبول ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن سامان آڻڻ لاءِ چيائين. دستوري طور ڊپازٽ
ڪجهه رقم ۽ مسواڙ اڳواٽ ڏيڻي هئي.

۽ سامان؟ اسان وٽ پنهنجو ڇا هو؟

آرتوار جو ڏينهن هو ۽ مان هٿ گاڏي ۾ سامان ڪڻائي 'ڪا
ڪنج' وڃي رهيو هوس؛ هڪ ڪبٽ، هڪ پلنگ، هڪ ڊرسينگ ٽيبل،
ٽيئي شيون سوگڙي طور مليل ۽ گڏوگڏ منهنجا ڪتاب، پيٽ کي پٽي
خريد ڪيل، منهنجي ڪتابن جي ڳوڻ. جڳهه مالڪ کي ڊپازٽ ۽ ٽن مه
جي مسواڙ هن جي سيونگس اڪائونٽ مان ادا ڪرڻ لاءِ. اسان وٽ
ڪجهه به نه بچيو.

اِهو باقي ڪيترو نه اَهم آهي !

اسين ٻئي پنهنجي آمدني دستور موجب بابي کي ڏيئي
هئاسين ۽ اُن آمدني جو هڪ تمام ننڍو حصو ماهوار خرچي طور وٺي

پنھنجي موجودگيءَ جو اعلان ڪري رهيو هو. مان ٻاهر وڃي ڏٺيون، چوڻ ۽
ڊبلروٽيون وٺي آيس ۽ اسان ڏنهي انهن ئي پئڪنگ وارن ڪاڳرن ۾ کاڌو.
منھنجي هوءَ به کائي رهي هئي ته کاڌي به ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي.
زندگي، ائين به، ان طرح به ٿيندي آهي، ري منھنجا من !
اُن شام هري مونواٽيءَ کي صرف پاڻي ئي پياري سگهياسين. ان بعد
بازار وياسين ۽ ڪجهه ضروري برتن ۽ وٽين وارو اسٽوو خريد ڪيوسين. هريءَ
کي بس ۾ چاڙهي، ٿورو ڪجهه سيڌو ۽ ڀاڄيون خريد ڪيوسين ۽ موٽياسين.
اُن رات ڊنر ۾ گرما گرم دال، بريڊ ۽ بصر کائي سمهي پياسين. ننڊ جلد نه
آئي. ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ ڪجهه ڪونه هو. خاموش اکيون ننڊ جو انتظار
ڪندي عجيب وغريب عڪس ڏسڻ لڳيون.
مونکي ان ڳالهه جو بخوبي احساس هو ته منھنجي هيءَ دلير ساٿي
ـن اندر ئي اندر اڪيلائي پوکي رهي آهي، ان طرح جيئن اڳ ٿيڻ جو غم،
ونکان وڌيڪ ئي ڪيس هو. اسانجي ڪٽنب ۾ جنهن ريت جهجها ڀائر ۽
ينر هيون، سندس ڪٽنب ۾ ساڳيو حال هو. اسين ٽي ڀائر پنج ڀينر، ماءُ پيءُ
ناني جا رهندي ته اڳ هئي پر اگر ڪٽنب ئي سڏٽو آهي ان مجموعي کي
ـه ڪيس ڳٽپ ۾ سڀ کان پهرين آٺڻ ڪپي. ان کان سواءِ اسانجو ڪير به نه
و: نه ڪو مامو، نه ڪا ماسي، چاچو، پڦي، ڏاڏو ڏاڏي بلڪل ڪير به نه.
ڪوئٽيا جي سنه ١٩٢٥ع واري زلزلي ۾ ڏاڏاڻو خاندان زمين دوز ٿي ويو. هڪ
ـي چاچو بچيو هو ۽ هوُ به ١٩٤٧ کان اڳ رخصت وٺي ويو. ماءُ جي خاندان ۾
ـنو پنھنجي جوانيءَ ۾ ئي هيرن جواهرن جي واپار جي سلسلي ۾ خشڪي
ـتو پڪڙي تاشقند ويو ۽ اُتي پهاڙن ۾ گم ٿي ويو.
جانڪيءَ جي ڪٽنب ۾ ماءُ کان سواءِ ٽي ڀينر ۽ پنج ڀائر هئا، ڪي
ـر ديس ۾ وسيل ته ڪي وديش ۾، هڪ شادي شده ڀيڻ پڻ وديشي. سندس
ءُ اسانجي شاديءَ کان ڪجهه ئي مهنا اڳ وفات ڪري ويو. غم اجا تازو
. زندگي روپ بدليندي رهندي آهي، خوابن کي وقت به وقت چور چور
ـري تماشبين بڻجي ڪنڌ ۾ لڪي مسڪرائيندي رهندي آهي. اچانڪ ٻيلن
وچڙيل ٻاهه جيان سڀ ڪجهه ساڙي ڀسم ڪرڻ جي طاقت به پاڻ وٽ قائم
ـم رکندي آهي.
جيڪي ڪجهه ٿيندو سو ٿيندو. اسين طوفان جي گهيري ۾ اَچي ويا
ـسين. .. ترڻ جاڻڻ اڳ ڳالهه آهي. ساگر جي ڦوڪيل - اُڀاميل طوفاني
ـن ۾ تارون جا هٿ پير ساٿ ٿي پون اها بلڪل ئي ٻي ڳالهه آهي.... اُنهن

- تيرا ڪيا ٿا ري؟
- ميرا تو ڪڇه ڀي نهين ٿا، ري ڪرشنا....
- تو ني تنڪا ڀي ڪيون ليا ري؟
- مئن جو ڀي ليا، وو ميرا نهين ٿاڪرشنا.....
- مئن ني جو ڀي ليا، اپنو ڪا ديئا هوئا ٿا، ري ڪرشنا....

سامان کڻائڻ کان اڳ جانا کي مسواڙي ڪمري ۾ چڙهي آيس. آنسون وهائيندي امان ۽ بابا جا چرڻ ڇهي گهر ڇڏيو. گهر جا ڀاتي گو... ٻڌجي مون ڏانهن نهاري رهيا هئا - اُهيئي منهنجا گوالا هئا جيکي... ڏينهن، هر سانجهيءَ مونکي مرڪز بڻائي گول ۾ ويهندا هئا. جڏهن چت... منهنجي نه هئي، لفظ ڪهڙي ڪم جا؟...

ماچيسي ڪمري ڏانهن شفٽ ڪندي هڪ ئي خيال من ۾... ٽڪرائي رهيو هو ته نئين مهيني شروع ٿيڻ ۾ لڳڀڳ ٽي هفتا باقي آه... ايترو عرصو جيئڻ لاءِ پئسا ڪٿي هئا، اسان وٽ ا ڪن ڪن ڳالهين... پنهنجي زندگيءَ ۾ مان اڪثر دور رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، مث... ڪنهن کان قرض نه کڻڻ، ڪنهن هئي جي گهر رشتيدار - خواهه دوست... گهر نه رهڻ. پنهنجي گهر کان ٻاهر هوندي ڪوشش ڪري هئي ڪنهن... ماني نه کائڻ وغيره.

ليڪن ان وقت معاملو منهنجي چاهڻ يا نه چاهڻ جو نه هو. هري موٽواٽيءَ کي فون ڪري سموري قصي جو تت ٻڌايو ۽ ڪيس چيم ت... چئن سو ۾ باقي مهينو ڇڪجي ويندو. هريءَ نئين ائڊريس ورتي ۽ چيا... ته شام تائين مان پئسا کڻي اچان ٿو.

منجهند جو ٽڪجي ٽلجي ڀاڻي پي، پلنگ هوندي به پٽ... چٽائي وڇائي، اسين ليٽي پياسين. اسان وٽ نه ان هو، نه برتن ۽ نه ٻيا و... ٻاهر برسات وسي رهي هئي ۽ هوءَ منهنجي گود ۾ به روئي رهي هئي. مو... خبر هئي ته بارش آخر ته ٿمجندي.

لڳ ڀڳ شام جو پنجين لڳي هري موٽواٽي اچي پهتو ۽ اچڻ سان... هڪ هزار رپيا منهنجي هٿ ۾ ٿمائيندي چيائين، ”هال ڪم هلاءِ. جيت... پئسا کپني، ٻڌائج. ٻه ڄڻا آهيو، همٿ رکو ۽ پنهنجو گهر سنسار ٺاهي و... ڪڏهن دنيا جي پرواهه نه ڪئي آهي، هينئر اهو به سکي وٺ ته پئسي... ڪهڙي اهميت آهي....“

اُن وقت ٻاهر گهٽيءَ ۾ پٺاڻي ٽڪيءَ وارو ٽئي تي ڪرپي...

لڙائي آهي جا پائڻ ڪڏهن به ممڪن ڪانهي. ممڪن آهي فقط انت واري اوندهه جي وشال، اکٽ ايراضيءَ ۾ داخلا.

پٽيون نه آهن، گهر نه آهي، صرف هڪ، حد بندي آهي. عمارت وچمان لنگهندي لڳي ٿو ته انهن عمارتن جون اونچايون سدا وڌنديون رهنديون ۽ مونکي ننڍو ڪندو وينديون.

اُهو ننڍو ناول، اند دور ۾، منهنجي من اسٽيٽيءَ جي هم وچوٽ منهنجي انترمن جي ڪشمڪش جو هڪ طرح دستاويز هو. 'ڪاهيءَ جي چوطرف' فڪشن هو ۽ مان اُن وقت سوچيندو هوس ته منهنجي چوطرف جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اُنهيءَ حالات، اُنهن دٻاون ۾ ڪٿي مان خود به فڪشن ۾ تبديل ته نه ٿي رهيو آهيان (؟)

I stretched out my hand from my naked ,

stupid reality, which seemed to me. hazy and fluid and try ,
for a moment - well, may be a moment is saying too much.

- Ingmar Bergman.

★★★

ئي ڏينهن ۾ مون جذباتي نراسائي ۾ گهيرجي ماءُ ڏانهن مختصر خط
هو تہ، ’جو بہ شخص يا جيڪي بہ شخص مونکي منهنجي ڪٽنب کان
ڪرڻ لاءِ جوابدار آهي يا آهن - اُهي ڪڏهن بہ سک نہ پائيندا....‘ ائين
اسانجي ماچيسي ڪمري ۽ منهنجي بابي جي گهر وچ ۾ ڇئن منٽن جي
جو فاصلو هو پر وقت جي معما اديت آهي، اها ڪيترن ميلن جو ان
جوڙي سگهندي آهي انهن جي وچ ۾ جيڪي هڪ ئي انش جو حصو ه
آهن ! ’سوچڻ‘ هڪ ٻالھ آهي، ’ٿيڻ‘ ٻي. هر شخص جي پنهنجي زند
آهي، جيئڻ جو ڍنگ آهي، چاهت آهي، فيصلو وٺڻ جي آزادگي آهي،
آهي وغيره وغيره. ها، صرف ٻالپڻ ۾ ئي پکين جا ٻچا آکيڙي ۾ پرن متا
ڦهلائي، هڪ ٻئي سان پنهنجا بت چيڪائي گڏجي ويهندا آهن ۽ چه
ڪولي ماءُ جي وڏي ڇهنب مان ڪاڏو چڳندا آهن. جڏهن اُڏامڻ جي پر
سگهہ پائيندا آهن، پنهنجا پر پساري گهاٽن جهنگلن، بلند پهاڙين
آسماني اونچاين طرف اڪيلا جانباز ٿي هميشهہ لاءِ اهو آکيڙو ڇڏي اُڏ
ويندا آهن ۽ ان بعد.... پنهنجي پسندگيءَ موجب، پنهنجو نجي آکيڙ
جوڙيندا آهن، زندگي بہ تلاشيندا آهن.

مان فضول ٿئي ٿيس وياڪل! اوندهہ جي تهن کي سمجهڻ
ڪوشش ڪرڻي ئي هئي، حقيقت شناس مونکي ٿيڻو ئي هو. نڪمي جذ
جي گلي دٻائڻ جو اپياس جو سمو اچي سهڙيو هو. ان ئي ڏينهن ۾ مو
ڪهاڻيون لکيون ’چڙهندڙ لهندڙ ڏاڪا‘ ۽ ’وجوٽي ۾ ڇلانگہ‘ اُن ماچ
ڪمري ۾ رهندي منهنجي هڪ برزگ ۽ دلير شخص سان دوستي جڙي،
شخص هڪ وڏي ڪٽنب جو وڏو هوندي بہ، بلڪل تنها هو. منهنجين
ڪهاڻين ۾ اُهو ڏاڏو يا بابا بڻجي آيو. دوستن وشنو ڀاٽيا ۽ گني سامتاڻيءَ
راءِ مڃي ڪجهہ ڏينهن بعد مون انهن ڪهاڻين کي وري وڌائي لکي ’ڪ
جو چوطرف‘ عنوان هيٺ ناول جو روپ ڏنو. ناول ۾ مون حقيقت کي ا
ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻاهرين وارداتن بجاءِ انتر من کي ڇلڻ چا
هن طرح:

فيس اٽ آل الون ماءِ بواءِ!...

عمر ڀر جا ڀاليل ڀرم ۽ اُنهن جو چڪناچور ٿيڻ - اهائي تہ سي
آخر جي ڪڙي آهي. هڪ بي چئني آهي. زندگيءَ جو حصو آهي. هر
پنهنجي سر ڪشمڪش جو حصو آهي. ’مان‘ جي هڪ اهڙيءَ حالا

پکيڙي هئي جنهن ۾ هوءَ نہ چاهيندي بہ ڦاسي ويئي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾، اوچتو هري مونواڻي ’هوجمالو‘ سنڌي فلم ٺاهڻ جو اِرادو ڪري ورتو. فلم جي ڪهاڻي، اسڪرپٽ ۽ گيت گوردن پارتيءَ لکيا ۽ ڊائريڪٽر بڻيو راجن چاولا، ساٿس گڏ اشوڪ راو هو. هريءَ ’هوجمالو‘ جي يونٽ جو مونکي حصو بڻائي مونکي ملٽيپل جوابداريون سونپيون: اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، سِٽل فوٽوگرافر، ڪنٽينيوٽي گرل، ڪلئپر بواءِ وغيره. هري پائيءَ پنهنجي سموري ميڙي چونڊي هن فلم جي پراڊڪشن ۾ لڳائڻ بعد قرض ڪنيو. آئوٽ ڊور شوٽنگ اجمير ۾ ٿي. جانا کي سندس ماءُ جي گهر ۾ ڇڏي مان يونٽ سان شامل ٿي روانو ٿي ويس. هري مونواڻي ڪجھہ ڏينهن اجمير ۾ يونٽ سان رهي بمبئي واپس هليو آيو. هريءَ کي نہ فلم لائين جي ڄاڻ هئي، نہ آزمودو، نہ ئي دنياداريءَ جي چترائي. راجڪپور جي ’آناڙي‘ فلم جي نائڪ جيان هري پنهنجي سادگيءَ جو شڪار هو.

اجمير ۾ ’هوجمالو‘ شوٽنگ جي دؤران گوردن پارتيءَ خوب جفاڪشي ڪئي. هڪ طرح هو چوويهہ ڪلاڪ ئي يونٽ سان گڏ هوندو هو. هر معاملي ۾ هر شخص جي صلاح ۽ مدد لاءِ حاضر هوندو هو. ايتري قدر جو هري مونواڻيءَ جو بمبئي کان فون ايندو هو تہ پاڻ نہ ڳالهائي مونکي فون سونپيندو هو جو تہ هري جيٽ اسپيڊ ۾ ڳالهائڻ واري مشين آهي. جنهن کي سمجهڻ ۽ جهلڻ مون لاءِ آسان هو. مونکي تہ ماني بہ پنهنجي ٿالهيءَ مان کارائيندو هو. بنا ٻيل ۽ مرچ مصالح وارو ڪاڏو سندس پيٽ بنسري جو ٺاهيل !

ڪافي ڪشالن بعد ’هوجمالو‘ نهي راس ٿي ليڪن باڪس آفيس تي ڪدم فلاپ ويئي. هري مونواڻيءَ کي وڏو ڌڪو پهتو. قرض ۾ ٻڏي ويو. ٻار وڪٽي ڇڏيائين، ڪٽنب وارن جو ٻرلتيون ٻڌڻيون پيس. هن خاموشي سان ڏلتون سنيون ۽ اُن مشڪل دور مان گذريو. ’هوجمالو‘ بعد ڪئميرامئن هر مونکي پاڻ سان اسسٽنٽ ڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو ليڪن جانکي نئي چاهيو تہ فلم لائين ۾ رهان. هن جي سپنن ۾ منهنجي ڊائريڪٽر يا سنيماٽوگرافر

٣

روشنيءَ جي تلاش

Last Year's words belongs
Last Year language
And next Years words await
another voice
(T.S.Eliot)

آکيڙي اڏڻ ۾ وقت تہ لڳو، اُن تي هري بہ وياسين. آئينده جي سوچ
بہ ورايو، ڏيري ڏيري اهو بہ رنڱڻ لڳاسين. مون اپياس تہ اڏ ۾ ڇڏيو هو. حالتن
جي دٻاو ۾ پيسيجي، مون اڪيڊيمڪ پڙهائي ڇڏي، گيان جي هين دائرن ۾
داخل ٿي ڪجھ سرٽيفيڪيٽ تہ پاتا هئا، پر مون وٽ اڪيڊيمڪ ڊگري نہ
هئي ۽ اُها نهايت لازمي هئي، اُن وقت جيڪو پنهنجي پسنديءَ جو جاب
مون اپنائڻ چاهيو ٿي، ان ڏس ۾ نيڪ طرح اڳيان وڌي پاڻ کي سيٽ ڪرڻ
لاءِ. ائين سر جي.جي. اسڪول آف آرٽس، بمبئيءَ مان فوٽوگرافيءَ ۾ فرسٽ
ڪلاس فرسٽ حاصل ڪري چڪو هوس ۽ پونا مان سول ڊرافٽسمن جي ڊپلوم
بہ حاصل ڪئي هئم. پر پوءِ منهنجو لاڙو پڪي پڪي سيلسمئن بڻجڻ تي
اچي ٽڪيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان دشا ۾ غور ڪندي مون کي پاڻ تي عجب
لڳندو آهي تہ ائين ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو جو بنيادي طور انٽر مکي
هوندي بہ، پنهنجي ڪئريئر جو وڏي ۾ وڏو حصو مون 'سيلسمئنشپ' ۾
ڪاميابيءَ سان ڪئي.

ان وچ ۾ جانڪي جي ايل.ايل.بي (فائينل) جو نتيجو ظاهر ٿيو
سياويڪ طور جيئن انديشو هو. هوءِ پاس نہ ٿي. مون کي پنهنجو انجام ياد
جو تہ سندس ان ناڪاميابيءَ لاءِ صرف مان ئي جوابدار هوس، منهنجي
عاشقي جوابدار هئي. سندس امتحان جي ڏينهن ۾ پنهنجيءَ بي چئنيءَ ت
ظابطو رکڻ ۾ ناڪام ٿي، مون ئي هن جي گرد هڪ موهہ ۽ خماري جي ڇ

آفيس مان موٽڻ ويل، چيمبرو پهچي هوءِ سڌو بازار ويندي هئي. ان
سمي روز آندو ۽ روز ڪاڌو وارو حساب هو. اسان وٽ فرج ڪونہ هو. ڀاڄيون، ميوو
۽ ساموندي ميوو (سي فوڊ) اسين نيم سان ٻرڪائيندا هئاسين. ايتري قدر جو
چيمبور ناڪي جي مڇلي بازار جون سڀ ماڇاڻيون کيس سڃاڻينديون هيون.
سج لهڻ کان پوءِ اوندهہ تري تي ڏري اسين مسواڙي مڪان ۾ داخل ٿيندا
هئاسين. مڪان ۾ پهچڻ شرط ئي هوءِ ڪم تي لڳي ويندي هئي. نہ هٽ
منهن ڌوئيندي هئي ۽ نہ ليٽ پيٽ ڪندي هئي. 'هيءَ مشين هڪ دفعي
ٿڏي ٿي تہ وري رفتار پائڻ مشڪل ڪم ٿي پوندو.' ان طرح جي سندس راءِ
هوندي هئي.

مان سندس مشڪندڙ چهري سان جڙيل ڍڪيل ٿڪل بدن کي پرکي
ولندو هوس ۽ رڌڻ پچائڻ، سوڌڻ، سنوارڻ جهڙن گهرو ڪمن ۾ سندس مدد
ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. مهانگري جيون جون تقاضائون در اصل
لمنتون تہ هونديون آهن ۽ انهنجي پورتيءَ لاءِ جيون-رس جي هر هڪ بوند
نچوڙي کين استعمال ڪرڻو ئي پوندو آهي. هر پل من بدن جو ڪجهہ نہ
ڪجهہ انش ڪٽندو، کپندو ۽ ڪامندو ئي رهندو آهي.

اهو ماچيسي مڪان اسانجي ڪشمڪشي دور جي بي زبان شاهد
ٽجي پيو. تعليم جي سلسلي کي جاري رکڻ سان گڏوگڏ اسانکي نجي
نهنجي چت بہ ڪنهن بہ طرح حاصل ڪرڻي هئي. روزمره جي مشيني
زندگيءَ جي رفتار - دباءَ ۽ ٿڪاوٽ ۾ جانا جي ايل.ايل.بي جي آخري
متحان جي تياري جي سلسلي ۾ مون رٽ سان گڏ هڪ ڏينهن ريهرسل پيش
ڪئي جنهن کان هوءِ متاثر ٿي. ان بعد هڪدم ان رٽ کي عمل ۾ آڻڻ شروع
ڪيوسين. آفيس مان موٽندي هوءِ بازار نہ وڃي سڌو گهر پهچي تيسين آرام
ڪندي هئي جيسين مان بازار جو سمورو ڪم پورو ڪري..................

6.8.95

★★★

ٻڌجڻ جا سپنا شامل نہ هئا. هن رڳ ڏني تہ مان گرئجويشن ڪريان ۽ پنهنجي
پسندگيءَ جا ڪي سنا جاب هٿ ڪريان، هِتِ هُتِ پنڪڻ ڇڏي ڏيان.

اسان ٻنهي گڏجي ويهي هڪ عملي رٿ ناهي: جانا جي ايل.ايل.بي
(فائينل) جي امتحان ۾ آڪٽوبر ۾ وري ويهڻ جي سلسلي ۾. آفيس مان
موڪل وٺڻ هن لاءِ ممڪن نہ هو. سندس موڪلن جي کاتي ۾ ٻڙي بئلنس هو
آفيس مان غير حاضري معنيٰ پگهار تان هٿ ڪڻڻ ۽ ان دور ۾ اسان لاءِ سڀ
کان اهم هئي اسانجي آمدني. منهنجي پيٽ ۾ جانا جي ٻٽان ٻيٽيون
جوابداريون هيون، آفيس+ گهر. صبوح نہ صرف هوءَ بريڪ فاسٽ تيار
ڪندي هئي گڏوگڏ لنچ تيار ڪري اسان ٻنهي جي کٽي وچڻ لاءِ پئڪ ڪندي
هئي ۽ منهنجي عادت کي خيال ۾ رکي ڪيس رس واري ڀاڄي روز تيار
ڪرٽي پوندي هئي. بريڪ فاسٽ بہ روز مختلف هوندي هئي. اهو سلسلو
يعنيٰ ٺيڪ وقت تي ٺيڪ طرح جو کاڌو ڏيڻ جي نيم هن زندگي پر جاري
رکيو. صحت گلابي هوندي، اکروٽي هوندي يا سليٽي ۾ ضربيل هوندي پر
ماني چند منٽن ۾ تيار، بريڪ فاسٽ بنا گهر ڇڏڻو ڪونهي، ڪير جو ڪو
مليٽري آرڊر جيان اندر لاهڻو آهي. اهو سڀ ڪرڻ - ڪرائڻ بعد هوءَ فورش
روڊ تي پنهنجي آفيس ۾ ٺيڪ وقت تي صبوح سادي نوين لڳي پهچندي هئي.

ڪالوني کان ڪرلا اسٽيشن تائين بس، ڪرلا کان فاسٽ لوڪل ٽرين
۾ وڪٽوريا ٽرمينس اُتان وري منترالیہ جمخانا تائين بس يا ٽئڪسي...
مان...!... هن مهانگريءَ جي اهائي تہ زندگي آهي... ڊوڙ..ڊوڙ... ڊوڙڻ
مان اُٿڻ شرط ڊوڙ يا ڊوڙ جي تياري...

اسانجو لائيف اسٽائيل ان طرح جو هو جو هوءَ ان رفتار واري زندگي
جيئندي اڪثر مون ۾ ئي ڪوهيل رهندي هئي. ؛ موسٽ آف دي ٽائيم
ڪيئرنگ ائنڊ ورنگ اباءُوٽ مي، اباءُوٽ ماءِلائيڪنگس ائنڊ ڊسلائيڪنگس
اباءُوٽ ماءِ ڪمفرٽس، هئپينيس، چانس، اباءُوٽ ماءِ ومس، فئنسيز..
ورچوئلي بڪيم ماءِ گورنيس ائنڊ شي ميڊ اي مئن آئوٽ آف مي...

عقاب

اُهو ڏينهن آخر اوس ايندو، ها
مان ڳولهي لهندس اُهي عرشي پربت
جن کي ور ور سپنن ۾ ڏٺو اٿم
اٺٽيهه هزار فوٽ ايورسٽ کان اونچا
هڪ ميل اونهي گرئنڊ ڪئنن کان خوفائتا
پهاڙن جون بيشمار ڪنڊون مان نوسيندس
ڪوئو ٻٽجي ڪنهن طلسمي ٽونگڙي ۾ گهسندس
عقاب ٻٽجي برفاني طوفانن ۾ ٻاهر نڪرندس
بنا آکيڙي، بنا وڻ، بنا ڪنهن اجهي
اَجهاڳ اونچاين ۾ راڪيلي اُڏامون پريندس
آسماني پولار ۾ ٻچو ڪرندو منهنجي ڪک مان
بنا ويرم منهنجي پٺ تي پرواز ڪندو هوُ بہ
بادلي ڪڪر جي مٿان کي آرپار چيري
جاري رهندي نہ ختم ٿيندڙ ڳولها
سپنن ۾ ڏٺل بلند اونچن پربتن جي
اُهي چوٽيون جيڪي فتح نہ ٿي سگهن
اُهي کوٽائون جيڪي ختم نہ ٿي سگهن
اُها آلوڪ ماءُ جيڪا ڪڏهن ملي نہ سگهي
اُهي جابلو پڙاڏا جيڪي ڪڏهن منهنجا ٿي نہ سگهن

Mount Everst 29,035
Grand Canyon 277 miles long I mile deep

رات-٢

’منهنجي جاڳيل قدمن جي آهٽ پائي
ننڍڙا مڪان بي چئنيءَ ۾ ڪن ڪڙا ڪن ٿا
ٿڪل رستا منهنجي پيرن جي ڇهاءَ سان سهڪن ٿا
مان پنهنجي پاڇي جو پيڇو ڪندو ٿو رهان
تارا مون ڏانهن نهاري عياري اکيون پٽين ٿا
مان ڪين ناڪاري اڳيان هلندو ٿو رهان
رستن جا بورڊ واچوڙي ۾ اُڏري ويا آهن
روشنيءَ تي هر دشا ۾ ڏنڊ حاوي آهي
چنڊ ڳاڙهو گهونگهٽ مان مون ڏانهن نهاري ٿو
مان ڪيس سڃاڻڻ کان بنهه انڪار ڪريان ٿو
اوچتو ڪتن روداليءَ جو ڍهيل سُرُ اُڀري ٿو
سسڪيون ٻڌجي خاموشيءَ ۾ الوپ ٿي وڃي ٿو
خالي رستن تي ٿيئي زمان مڪان پاڻ چاهين ٿا
ڪارا نقاب اوڍي ميوزيڪل چيئر کيڏن ٿا
چستيءَ سان رفتار ۾ جڳهيون بدليندا رهن ٿا ڪا به
ڪرسي نه پائي مان رات ڀر نچندو رهان ٿو
ڀنيرڪي جو آلوڪ پائي پبلڪ پارڪ ۾ گهسندس
سيمينٽ جي بينچ تي ٿنگون ٽيڙي سمهي پوندس.

پاڻي آخر پاڻي آهي (جپسي گيت)

ڳاڙهي وڻراهه وچمان وهندڙ شفاف پاڻيءَ اندر
تون جل پري بڻجي ترڳنديءَ جڏهن
مان مئپل وڻ جي سبزيءَ ۾ ڳنار وڄائيندي
ٽڪيلا جي بوتل مان لڳاتار ڍڪ پريندس
تنهنجي لاٽل ڪپڙن لڳ چيز ڪيڪ رکندس
چوٿون حصو چکي ٿي حصا تو لاءِ بچائيندس
پاڻيءَ جي ٻيءَ پر ڪناري بجاءِ ڪنڌهر آهي
بنا بازن بنا ڏڙ پئرائون بت آهي اُتي
تواريخ بڻيل غير متحرڪ منهنجو بت آهي
گم ٿيل گردن منهنجو تون سان چنبڙيل آهي
تون جاڳين، هلين يا مونسان سپنا ڏسين
تنهنجو اندر ٻه مان تنهنجو ٻاهر ٻه مان
سرءَ ايندو سمورا پورا سڪل پتا جهڙ جهڙ ڪندا
چيراليءَ زمين ۾ مهوئا خوشبو ڦهلجندي
بنا چيهه ڪيرالي بادلي آسمان . چوڏر
پتن جيان پکيڙن جا جهنڊ ڊڄائينون ناهيندا
منهنجي ڳنار لرزندي رهندي بنادم پلڪ
اکيون بند ڪري توکي ڏسندو رهندس اندر
ڊالفن جيان ٽٻيون ڏيندي تون نهاريندينءَ
ترڪندر پاڻيءَ جو هر قطرو ڏسندو رهندو
لهرون ڳائينديون:”تون اسان سان هڪ ٿي وڃ.“
مان تو لاءِ آندل فرڪوٽ کي سهلائيندو رهندس....

ناريلي وڻ
(جسونت ڪمار سان مخاطب)

ڪنگ فشر بيئر جا بئرل مون لاءِ
پنج سو پنجونجاهه سگريٽون تو لاءِ
پهاڙي رات جي غير انساني خاموشي
اڌ ننڊ ۾ بارش پريل بيهجي ويل بادل
بيئر ۾ اوت پوت خمار ۾ دونهاٽيل رات
اسانجي بڪبڪي موسيقيءَ ۾ اوجاڳيلَ
تو ناٽڪي انداز ۾ ناريل ڪيرايا اوس
مون ٽاڀڙجي ڊوڙي جهٽڻ چاهيا اوس
پياسي زمين مون کان اڳ پاڻي پيئي ويئي
منهنجي ناڪاميابيءَ تي اڪ ٻوٽ ڪرڻ لاءِ
تنهنجا ٺهڪ هوا ۾ اونچا اُڏڻ لڳا
مان نادان جهوٽن ۾ غلطان رهيس
تون هرندڙ انگيٺيءَ ۾ گم ٿي وئين
نئين ناٽڪ جي روشني ترتيب ڪرڻ لاءِ.

(جسونت ڪمار - ناريلي وڻ وانگر ڊگهو، پُر بهار شخصيت هو. زندگيءَ ۾ هو 24x7 - سنڌي ناٽڪ سان وابسطہ رهيو. بيوقتائتو موت ڪيس ڳيهي ويو. سمپادڪ)

هڪ سَپنو

بنا ساهي پٽڻ جي لڳاتار ڊوڙندي
اڄ ڪي نہ برداشت ڪرڻ جي ناڪاميءَ ۾
جڏهن مونجهہ لاءِ آڪسيجن سلينڊر نہ مليو
مان سپاٽي جي ڏار ۾ ڏوڪي ويس
اُهو بہ اونداهو پول پليئيان غفا هو
اُتي بہ هئي سورج جي ڳرپ ڪان نڪرڻ جي نابري
سپ پردا هيٺ ڪريل هئا
سمورا ناٽڪ جلدن ۾ بند هئا
ٽارچ ٻاريم: بجلي ندارد مشينون ڪامپيوٽر بند
خاموشيءَ جا چمڙا اُڏامي رهيا هئا چوطرف
ڳرامر جون نشانيون پڳل پريل هيون هر جاءِ
نہ ڳل هئا، نہ ماڪي مڪيون هيون، نہ آواز
تواريخ جا پنا ڪليل هئا، چپ هئا، خالي ننگا
دنيا پر جا نقشا ليڙون ٽيل پڪڙيل زمين تي
مقبول فدا حسين جي نيلامي چتر جيان
نقشا هئا، ڦڪل رنگ، بدزيبا ۽ مرده
آس پاس ساهوارن لاءِ نظرن کي پلڪايم
ڪجهہ انڌا، ڳونگا ۽ ٻوڙا اِنسان ڏٺم
پٽين تي ٽيڪ ڏيئي ڪروندڙ ويٺل ڏٺم
مون خشڪ ڳلي لاءِ پاڻيءَ جي ڳولها ڪئي
پاڻي هو ضرور پر ڏاٽوئي بوتلن ۾ بند هو
مون مدد لاءِ واڪا ڪيا: اُٿو، پاڻي ڏيو
هڪ عجوبو ٿيو، آس پاس ساهوارا لڏڻ لڳا
اچانڪ مونکي ڪنهن هنن لفٽ ۾ ڦٽو ڪيو
بند لفٽ منهنجي وزن سبب رسي ٽوڙي
رفتار ۾ ڪرڻ شروع ڪيو، پاتال طرف
سيني چيو: ”خدا قسم مان ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندس
توکي ڪڏهن نہ ڇڏيندس، دائما توسان جاڳندس.“

آمان

تنهنجي پاڪر ۾ لڳندو هو
گويا مان ڪنهن ڪير ساگر ۾ آهيان
تون ايتري حسين ڇو هئينءَ؟
آمان.......

ماسي

جنهن چنڊ مان لهي زمين تي آئينءَ
تنهنجي وسامي وڃڻ بعد اُهو ملوڪ
ازخود بي نوڙ تي ويو سدا لاءِ.........

Having a heart of gold
She loved like an angel
Living like an eagle....

فنڪس

وري هڪوار وري پنڊي سامهون آيا
پوڇا ڪان اڳ ۽ پوڇا وچهر دهرائي ٿو:
نالو، پيءَ جو نالو؟ ڏاڏو نالو ۽ آکهر؟
چوانس ٿو: نام ولد ناملداس آکهر نانواٽي
ڏاڏو؟ پرڏاڏو؟ ترڏاڏو؟ اباڻيون پيڙهيون؟
چوانس ٿو: ابا، شڪر ڪر پيءَ جو نالو ياد اٿم
ورنہ ماءُ جي نٽ جو قسم ڪٽي تو چوانءِ
اُن جي فنڪس ڪي جاچائڻ ڪو سولو ڪم ناهي
هوءَ زمين تي لهي لنبو عرصو ٽِڪي ڪرشمو سمجهہ.

اَ آ اِ اِي اُو.....

(ڊسمبر ٢٠٠٧. منهنجو آواز بلڪل گم ٿي ويو. اسپتال ۾ پرتي ڪيو ويو ۽ بيڊ پنيان ڊسپلي هو: امرجنسي ڪيس. اڪيوٽ سٽروڪ)

نشيدار دوائن ۽ انجيڪشنس جي پاٽيان ٽيوبن سان ڪنڪيٽ ٿيل منهنجا اڌ زنده عضوا ڪٿي آهي جاني من، منهنجو آواز ڪٿي آ نيم بيهوشيءَ ۾ لوٽ پوٽ جاري آهي منهنجو سفر گهاٽو بيلو آسمان کي ڳلي لڳائڻ لاءِ جاڳيل اُتاولا وڻ وٽن جي گهيري ۾ وڪوڙيل پکين جا چست چئبر باڪس هوا جي تيز ويگ جو خمار پائيءِجهومن ٿا قداور وڻ سندن خمار سندن سرسراهٽ منهنجو آواز ته ناهي؟

برفاني پهاڙن جي ڏند ۾ اوني ڪپڙن ۾ ڍڪيل مٺي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ هيٺائينءَ ڏانهن تو ڳسڪان دستانن ۾ يخ ٿيل هٿ پيرن جا آڱوٺا نستا سرد چپن مان گرم ڀاڦ سيليون ٿي وڃائي بند منهن اندر مان به 'هون هون' ٿو وڃايان هيٺ ڪرندڙ برف جي لڳاتار پشمي جهالر ۾ اڪيلو رستو پليل ڪانءُ جو 'ڪان ڪان' تو ٻڌان ڪٿي آهي جاني من، منهنجو آواز ڪٿي آهي؟

بنا تري مهاساگر جو اُڀامندڙ مدهوش لهرون لوٽاني پاڻيءَ تي ترندڙ الڳ الڳ رنگين تروڙا ميلن ۾ ڦهليل لنبي وارياسي ڪناري تي بنا ساهيءَ منهنجو
مٺي آڪاس ۾ پرڳهٽ ٿي ڦهلجي ويل بادلن جو وستار هلڪي بوڇار بنا آواز ريتي ۾ چوسجي اَلوپ آليءَ ريتيءَ ۾ منهنجي قدمن جو آواز به گونگو سليلي چليءَ کي وچ چيري ٿي ۽ نغارا ٿا وڃن منهنجو آواز ڪٿي آهي، جاني من، ڪٿي آهي؟

مئن ود نو نيم
(ڪلنٽ ايسٽ ووڊ جي نالي)

پٽريلي راهه ڪي ڏڏر ڪندڙ سگهاري گهوڙي جا سُنبَ
دونهين جيان جاڳي پکڙجي سمهندڙ گهاٽي ناسي ڌُوڙِ
پس پيش قبرستان تائين چڪجي ويندڙ ڦهليل خوفُ
تال مئن ود نو نيم، هاف برننگ سگار آن ٿن لپس،
آلموسٽ نو ڊائلاگ، ڪئٽ آئيز، نو سيپيشل ڊئمزيل
ڊيڊلي گرن آولون، لونلي لوز آن هائيٽس آئنِ سِلوپسِ
لنبو شخص نالي بنا، اڌ ٻرندڙ سياهه سگار باريڪ چپن تي
نانڪ ڌري گهٽ بنا گفتگو، ٻلاري اکيون، خاص دوشيزه بنا
موتمار خاموش ميڇ، لاهين چاڙهين تي تنها گهومو وڻ
پستول جادوئي گهماءُ لاءِ آتو، ترگر لرزش لاءِ واجهائيندڙ
گول ٽيبلن تي وچايل ننگ تاس پتا، بار ۾ فريبي بوتلون،
اَخباري پني جي چتيءَ مان گهوريندڙ عَقابي اِکِ
لفظن جا پڙاڏا لاپتا، گولين جي وادي - پربت گونج
هوليءَ جي رنگ جيان وهي خاڪ سان خاڪ ٿيندڙ خون
شيطاني ٽهڪن جا رقص، ڪفنن جون اپلڪ مسڪراهٽون
ڪسيل ڪمر پٽا، ڪلهن تي ٻڌل ڪراس گولين جون پٽيون
شيخي لاڏنگ بوٽن ۾ لڪل دستي بم، خنجر ۽ چاقون،
ڊائنامائيٽ جي ڌماڪن ۾ بي چئن ٿيل گهوڙن جا پُڇ
سگريٽ، چروٽ، پائيپ، سڪار، لائيٽر، ماچيس
وسايل ميڻ بتيءَ جو دونهون مذڪر مان مونث آڪار
حوس جي شڪارين لاءِ هئٽ هينان خوشبودار پئنٽي
ڪفن ميڪر مهاندو پوڙهي برجيان پر مسڪرائيندڙ
برفاني ڏاڙهي، ضيعف هڏا، گهاٽين مڇن ۾ سگار سوگهو،
'Adios Amigo' - دائمي منتر: دوستو، الوداع، ڪفن تيار !

4. Khandahar 1968	:	(The Ruins): An Anthology of outsatnding modern Sindhi short stories reflecting wide variety of styles with an introduction discussing sindhi short storeis critically (Edited)
5. Thongo (1970)	:	(A Flip) Short stories
6. Navan Uffaqa 1975	:	(New Horzons) : Critical writings on Sindhi short stories including one by the editor discussing historical growth of the genere - Edited
7. Khahey-a-jey-Chaotaraf (1976)	:	(Around an Abyss): Novel
8. Uffaqa ji Doori 1977	:	(Distant Horizons): A colletion of some of the finest short storeis with critical notes by contributing writers on each others works (edited)
9. Vichhotiyoon 1980	:	(The Crevices) : Poems
10. Meelan jo Safar 1983	:	(Miles to fo): Short Stories
11. Mahaz TE (1983)	:	(On the front) : An anthology of rich modern poetry by 23 modern poetry with an introduction . (Edited)
12. Athon Sur(1984)	:	(English Musical Note): Selected poem of Namadev Tarachandani (Edited)
13. Goani Manazar 1987	:	(Goan Landscape) : Verse Journal of experiences of goan life, culture and landscape
14. Assanand Mamtora 1987	:	Special number of "Rachna" - Liteary special issue Quarterly on most eminent and senior writer

CURRICULUM VITAE

Name	:	**Shyam Sanwaldas Jaisinghani**
Occupation	:	RETIRED as Editor, Sahitya Akademi (National Academy of Letters) Regional Office, Mumbai
Birth	:	Quetta, Baluchistan (Undivided India) 12th Feburary, 1937
D.O.D	:	22nd March, 2009, Mumbai
Education	:	B.A. (Hons.) in Economics University of Mumbai Securing first class first in Sindhi Literature (Gold Medalist) Course of Photography from J.J. School of Arts, Mumbai securing First Class First. Diploma in Civil Draughtmanship (Pune) Course in Script Writing and Film appreciation from F & T Institute, Pune.
Languages known	:	English, Hindi, Urdu, Marathi, Gujarati and Sindhi

Contribution to Literature, Arts, Photography and Allied Fields

Books Published

1. Kacha Dhaga 1966	:	(Weak Thread) : Novel
2. Nari-a-jo-muluh 1966	:	Sindhi Translation of Saratchandra Chatterji's "Narir Mulya" - a scholarly study of Indian women based on authors socilogoical and anthropological study.
3. Nango Asman 1967	:	(Naked Sky) : Short Stories

Development, Government of India's Award on "Meelan Jo Safar" (Short stories)

1990	:	Maharashtra State Sindhi Sahitya Akademi's Award for Excellence in Literauture on "Hik Biyo Dhinhu" (Short Stories)
1991	:	All India Radio's Award on "Zalzalo" as best Sindhi Play
1995	:	Sahitya Akademi's Translation Prize for translating C.T.K. Khanolkars Marathi Novel "Chani" into Sindhi
1998	:	Sahitya Akademi Aaward on "Zalzalo" Collection of Experimental Plays.
2007		Award from Writers and Artists Welfare Foundation, Mumbai
2007		Award from Moorjmal Maghnani Trust, Dubai for Literary Achievements

Membership of State Academy

* Advisory Board Member of Maharashtra State Sindhi Sahitya Academy for its four successive terms from 1983 to 1995.

Membership of Bharatiya Jnanpith

* Advisory Board Member of Bharatiya Jnanpith (New Delhi) for the term 2003 to 2005

Participation in Literary Activities

* Participated in various symposia, writers' workshops, seminars and Kavi samleans in India.

* Participated in several discussions on literature, interviews, and talks etc on All India Radio & T.V.

Art

* Designed cover jackets of more than 50 books and also illustra tions for few books. An exhibition of his art work, cover designs book illustrations was held at Artists Centre, Mumbai in the yea 1983 which was inaugurated by the famous painter,Late Shri. K.H. Ara

		(Edited)
15. Hik Biyo Dhinhu 1988	:	(Another Day): Short stories
16. Jagat Advani 1987	:	Special Number of "Rachna" Literary Special Issue Quarterly on most eminenet and senior writer (Edited)
17. Sahitkaar (1990)	:	Annual Journal of Maharashtra State Sindhi Sahitya Academy (Edited)
18. Zalzalo (1992)	:	(The Eartquake), plays
19. Sahitkaar (1991)	:	Annual Journal of Maharashtra State Sindi Sahitya Academy (Edited)
20. Chani (1994)	:	Sindhi Translation of C.T.K. Khanolkars Marathi Novel
21. Sahitkaar (1993)	:	Annual Journal of Maharashtra State Sindhi Sahitya Academy (Edited) (Special issue on Autobiographical writings)
22. Sahitkaar (1995)	:	Annual Journal of Maharashtra State Sindhi Sahitya Academy (Edited) (Special issue devoted to first short stories of outstanding Sindhi writers)
23. Mumbai Munhiji 1998	:	(My Mumbai): Poems
24. Kishin Rahi 2001	:	Special Number of "KOONJ" -literary bimonthly on the eminem poet (edited)
25. Zindah Machhe 2002	:	(Live Fish): Short stories

Literary Awards

1981	:	Ministry of Education, Government of India's Award on "Vichhotiyoon" Poems
1986	:	Ministry of Human Resources

تون سمورو ڏينهن سمهين ٿو
مان سموريون راتيون جاڳان ٿو،
اوندهه جو اَهڙو پهريدار آهيان،
جنهن سپنا تهخانن ۾ بند ڪيا،
طعنات : هر غلط اِمڪانات لاءِ
زيرو هروس - زيرو زون جا نقاب
مشينون ڪامپيوٽر چوطرف
واڪا ۽ چلاهٽيون خطري ڪان آگاه :
نه ٻڌ.... نه هار مڃ، هٽ پير هلاءِ

مون صحرا ۾ پاڻ کي اُڇلائي ساهت پاتي
نه هٽ پير هلائيندس، نه ٻڌندس ڪڏهن به
ريتيءَ تي ڪشتيون هونديون آهن؟
ٻڏنديون آهن؟
ترنديون آهن؟
گرم هوا جون ڦونڪون چوطرف گهمنديون آهن......

٢ جولاءِ ٢٠٠٤ تي شيام ڪنعيي تولاٽيءَ لاءِ لکيل هيءَ ڪويتا شايد ڪيس
ن تي ٻڌائي هئي. سندس شخصي ڊائريءَ ۾ درج هن ڪوتا مٿان سندس
(رچنا ١٢٥)
ل نوٽ)

Photography

* Did still photography for the feature film "Hojamalo"

Film Making

* Worked as Assistant Director for the feature film of "Hojamalo"

Membership and Association

1. Youth Hostels Associations of India, New Delhi (Life Membership)
2. New Bombay Sports Club, Vashi (Life Membership)
3. Authors Guild of India, New Delhi
4. Alliance Franchise - De, Mumbai
5. Prabhat Chitra Mandal, Mumbai
6. Vivekananda Educations Society's Research Centre, Mumbai
7. Deepshikha Publications, Mumbai
8. Chembur Colony Yuvak Mandal, Chembur
9. Hamlog Circle, Ulhasnagar

Other Interests:

Travel, Trekking, Photography, painting, Music and Films

Countries visited

Austria, Australia, Belgium, Bhutan, Britain, (England, Wales and Scotland), China, California, France, Germany, Hong Kong, Italy, Indonesia, Japan, Malaysia, Macau, Nepal, Netherlands, New Zealand, Philppines, Singapore, Sikkim, Sri Lanka, Switzerland, Thailand, Taiwan, U.S.A. and border town of Mexico.

Additional Information

Literary Journal devoted to critical assessment of his works: "KOONJ" Sindhi bimonthly brought out a special issue on Shyam Jaisinghani in December 1995.

Literary Seminar on Shyam Jaisinghani was held on 1997 in Mumbai
By Deepshikha Publications

Sahitya Akademi organized a program under the series "Through my Window"
On life and works of Shyam Jaisinghani, a scholarly talk by Dr. Prem Prakash, Ahmedabad in 1998.

Shyam Jaisinghani ā Joon Choond kahaniyoon - 2008
Editor - Sahib Bijani
Published by Hari Himthani - Ajanta Publications - Ajmer

The End : 22nd March, 2009, Mumbai- **Anant Aakas Yatra**



فوٽن جي وچوڙ

١. شيام جئسنگھاڻي

٢. ڪابي ڪان شيام جئسنگھاڻي - چائنا ۾


شيام ۽ مسٽر سامتاڻي - اياز گل ۽ لعل پشپ، پنهنجي ڌيءَ جيشما سامتاڻي ۽ مسٽر سامتاڻي سان گڏ نيوزيلئنڊ ۾، شيام چائنا - نيوزيلئنڊ ۾- شيام ۽ هري موٽواڻي

٣. ڪابي ڪان- شيام ۽ اياز گل، شيام جئسنگھاڻيءَ جون چونڊ ڪهاڻيون - ڪتاب، مهورت جي موقعي تي - سيتا سنڌو پون ۾- ٺاڪر چاولا سان، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي شيام تي ڳالهائيندي، ٺاڪر چاولا سان - منگهناڻي ٽرسٽ پاران ان موقعي تي شيام کي ڏهه هزار اِنعام ڏيندي چندر مورجمل منگهناڻي- ٽي فوٽوگرافر- گوپ گولاڻي، شيام ۽ نند شرما، ٻن دوستن سان تولاڻي ۽ پوجواڻي، سندس گهر ۾ سنڌ وارن سان گڏجاڻي تاج جويو، اياز گل، شيام، شوڪت شورو ۽ هيرو ٺڪر. شري مورجمل منگهناڻيءَ سان گڏ.







VIJUD-E-VANKAR

DEEPSHIKHA PUBLICATIONS

Flat No. 1, Aaradhana Apartments,
37, Swastik Park, Chembur, Mumbai - 400 071. Tel.: 25260708

Existence is Greenery

وُجوُد ئي وڻكارُ

(شيام جئسنگهاڻي كي شرڌانجلي)

